Raf

حسن شمع تي دل جلائي،
عاشق بڻي پروانو آيو.
مؤت نه ماري، محبت ماري،
دل ڪٺي ديوانو آيو.

شمع

ايم رفيق

ليمن
KUKREJA




KUKREJA

آسيس

نظمن، غزلن، گيتن، ڪافين ۽ هائڪو جون صنفون ڪٽي موزون شاعريءَ جي ميدان ۾ ايم. رفيق چڱي وقت کان ذات جي گهوڙيءَ کي هنر ۽ فن جو لغام لڳائي چڱيون منزلون طيءِ ڪندو آيو آهي. سياهه وارن کان نجات پائي چانديءَ جي چمڪي جهڙا وار سجائي به جوانيءَ ديوانيءَ سان هٿ ملائي رهيو آهي. اِئين به ناهي ته حسن عشق جي خيالي قصن ۾ قيدي بڻجي آس پاس جي اَنيءُ ۽ آزموديءَ کان، زمان حال جي حقيقتن ۽ مستقبل جي حملاور مصيبتن کان منهن موڙي ويٺو آهي. درحقيقت جيڪي مشاهدا ماڻيا اٿس تن جي تصوير ڪشي ڪندي دل جي صادق جذبي سان ۽ پنهنجي ذاتي ڏانءَ ۽ ڏاهپ سان سگهاري ٻوليءَ ۾ قوت مند قلم سان رچنائن جي روپ ۾ خزانن جي کول ڪندو ٿو رهي. ڏات جون ڏياتيون ٻاري علم، عقل ۽ عمل جي ايوانن ۾ چڱا ڦيرا پاتا اٿس.

اُهو سنڌي شاعر ڪو هڪڙو اڌ هوندو جنهن پنهنجن شخصي مصيبتن ۽ دنيا جي دغا و دولاب ۽ سياسي سرگرمين کي قلمبند ڪندي پنهنجي آباڻي وطن جي ياد ۾ لڙڪ نه لاڙيا هوندا.

هن شاعر پڻ ڪي پياريون سوز ڀريون ۽ دل چوريندڙ سٽون چيون آهن:

آزادي ملي، ماڻ پنهنجو وطن نيلام ڪري آيس،
اِنسان جي تهذيب کي بدنام ڪري آيس.

— ڊاڪٽر ارجن سڪايل

SHAMHA

Poet : M. J. Ramchandani (M. RAFIQ)
Satyam-A Apartment, 2nd Floor,
Near Hira Marriage Hall,
Ulhasnagar-421 002 □ Phone 548474

Cover Design : Lachman U. Kukreja

Published by : Bhagwanti L. Kukreja
B-41/245, New Blocks,
Ulhasnagar-421 005. □ Phone 526026

Printed at : Jai Shivshakti Printers,
Shop 1, Indira Gandhi Mkt. Compound,
Dassera Maidan, Ulhasnagar-421 003.
Phone : 71822

Year : November 1997

Price : Rs. 60/-

شمع

ڪوي : ايم. جي. رامچنداڻي، (ايم. رفيق)
ستيم-اي اپارٽمينٽ، ٻيو ماڙ،
هيرا مئريج هال جي ڀرسان،
الهاسنگر - ٤٢١٠٠٢. فون: ٥٤٨٤٧٤

ڪور ڊزائين : لڇمڻ يو. ڪڪريجا

پبلشر : ڀڳونتي ايل. ڪڪريجا
ڪڪريجا پبلشنگ هائوس،
بي-٤١/٢٤٥، نوان بلاڪ،
الهاسنگر - ٤٢١٠٠٥. فون: ٥٢٦٠٢٦

ڇپيندڙ : "جئه شوشڪتي پرنٽرس"
شاپ ١، اندرا گانڌي پاڄي مارڪيٽ،
سيڪشن ٢٣، الهاسنگر - ٣.
فون : ٧١٨٢٢

سال : نومبر ١٩٩٧

قيمت : -/٦٠ روپيه

احسانمند آهيان

(۱)

نيڻن جو نُور بڻجي، اَحسان ڪنهن ڪيو،
دل جو سرور بڻجي، اَحسان ڪنهن ڪيو،
ريکا رهي نه سرحد، دل جي پيار جي،
دل جو سرور بڻجي، اَحسان ڪنهن ڪيو.

(۲)

جي درد آهي دل ۾، دل درد مند آ،
جي فڪر آهي دل ۾، دل فڪر مند آ،
شاعر جي دل جي ريکا کو رُوپ بڻي آئي،
اَحسان ڪڻي ڪنهنجو، دل اَحسانمند آ.

(۳)

جو پيار آيو دل ۾، ڪنهن لاءِ خطا نه ٿي،
جو پيار آيو دل ۾ ڪنهن لاءِ سزا نه ٿي،
دل پيار مان پڪاري دلدار کي ”رفيق“،
جو پيار آهي دل ۾، ڪنهن لئه جفا نه ٿي.

شڪرگذاري

ڪريان شڪرگذاري، يا ڪريان شڪرادائي،
شري رام ڪڪڙيجا جي، جنهن دوستي نباهي.

مقبول آهي ليکڪ منوهرلعل جي نالي،
”محبت زنده آ“ ڪهاڻي هرڪو پيو سنڀالي.

ننديپڙ جو يار آهي، ننديپڙ جو پيار آهي،
هي رازدار آهي، هي خاصدار آهي.

دل جو دوست دلبر، دلدار يار آهي،
”رفيق“ آهه درپن، هي ديدار يار آهي.

— ايم. رفيق

جـا سڀ حق واسطا پاڻ وٽ رکيا آهـن. ”دل و دنيا“ ڪڪڙيجا پبلشنگ هائـوس، ٻـي ٢٤٥/٤١، نـوان بـلاڪ، ألهاسنگر - ٥ مان شايع ٿيو آهي.

سنڌي ساهتيہ پريمين کي هڪ پيرو پـڙهڻ جي ڪارگر صلاح ڏيڻ ۾ اسان مڪمل صحي ثابت ٿينداسين.

— ريزيڊنٽ ايڊيٽر

[”سمالوچنا“، هندو روزاني، ٩٧-٨-٥ تان ورتل]

※ دل - و دنيا شاعر ايم. رفيق (اصلي نالو منو جميتراء رامچنداڻي) جي شعرن جو مجموعو (١٩٩٧) آهي، جنهن ۾ حسن ۽ عشق جي وشين ڪانسواء دنيوي انيون ۽ آزمودن تي ٻہ دل ليپائيندڙ ڪلڪراني ڪيل آهي. ڊيمي سائيز، سهڻو جلد، صفحا ١٢٠ ۽ قيمت ٦٠ روپيـہ. پتو: ستيم - اي اپارٽمينٽ، ٻيون ماڙ، هيرا مئريج هال جي پرسان، سنڌونگر - ٠٠٢ ٤٢١.

[”پهچ سمالوچنا“، مهراڻ تان ورتل]

※ دل - و - دنيا (سنڌي ڀاشا ۾ بهترين شاعري)

سنڌي ساهتيہ ۾ شاعريءَ جو ٻـہ وڏو يوگدان رهيو آهي.

اصلي شاعر اُهـو آهي، جنهن جي منهن مـان نڪرڻ وارو هر اکر پنهنجي اُمٽ ڇاپ ڇڏيندو آهي ۽ پڙهندڙن کي ان شاعريءَ ۾ لڪل شاعر جي ڪلپنا کي پڙهڻ لاء مجبور ڪري ڇڏيندو آهي.

شري منو رامچنداڻي (ايـم. رفيق) تي شائين ٻيوس جي اپار ڪرپا هئي ۽ شري ايـم. رفيق انهن پنڪتين کي

ايم. رفيق جو ڪلام

فرشتن جي زباني

ساهتيه جا اديب، شاعر، ماهر پاٺڪ ۽ چاهڪ ادب جا چمڪندڙ ستارا ۽ فرشتا آهن.

ساهتيه جا گلشن گلشن خوشبو خوشبو گلدستا آهن،
پڙهي ڪتاب ڪنهن دلبر جو پنهنجو بيان ڏيندا آهن.

”پڙهي ڏسو ايم. رفيق جو ڪلام،
فرشتن ڏني زباني آ،
مگر اڃان گهڻائي عالم ماهر خاموش آهن،
خبر نه آهي ڪا گستاخي يا بي ادبي ٿي ويئي آهي،
شل معاف ٿئي جا خطا ٿي وئي آهي،
”رفيق“ جي دل جو درپن صاف ۽ شفاف ٿئي.“

”رفيق“ سر جهڪائي قدمن ڪي چهي ٿو،
آسيس ڪريو، آسيس ڪريو، حسن برقرار رهي.

دل ـ و ـ دنيا

✵ دل و دنيا ايم. شاعر رفيق جو جاندار نظمن، غزلن، گيتن، رباعين وغيره ڪويتائن جو ڳٽڪو آهي. ١٢٠ رچنائون پڙهندي پڙهندي ايترو ته آنند اچي ويو جو سنگره پوري ڪرڻ بعد ئي ڪتاب کي الماڙيءَ ۾ رکيم. شاعر ايم. رفيق (شري ايم. جي. رامچنداڻي) سنڌي ساهتيه کي هڪ سانڍڻ جهڙي سوغات ڏني آهي. ليکڪ ڪرڻيءَ

❋ پريہ مترٖ،

تـورا ڏينهن اڳـ، دل ـ و ـ دنيا جي ڪاپـي ملي. گيت، غزل پـڙهيا اتـم عاشق جي نظر سان، پيار ۽ حسن جي محفل ۾ آنند عاشق کي ئي ته ملندو آ. ڀرپور آنند ورتو اتم. شعر منهنجي شاعري، آهي خدا جـي واسطي. ڪجھه وقت مات ۾ رهيا. وري توهانجو اندر آلاپڻ لڳو آهـي. ان حقيقت منهنجو ڌيـان ڇڪايو. ضرور مـات ۾ تپسيا ڪندي محبوب کان مصري ملي اٿو.

عجب ٿو لـڳي سند کان ئي لکندا رهيا آهيو. پـر ٻهريـون دفعو دل ـ و ـ دنيا ۾ واقف ٿيا آهيو. توهانجي شاعري قلي قولي، ڏاڍو آنند ورتو اٿم.

— شري رادا ڪرشن گرناڻي

جبلپور ـ ۴۸۲۰۰۱.

❋ آدرڻيہ شري روچيرام، سدا باغ بهار هجو،

مونکي شاعر ايم. رفيق جو نهايت سندر غزلن جو ڪتاب پهتل آهي. هر غزل دل ۽ دماغ کي ڇهندڙ آهي. سرل ۽ سندر ٻوليءَ ۾ رفيق برابر مٺيا ٻويا آهن. دل ـ و ـ دنيا دل کي وڻندڙ آهي. شاعر بيشڪ ڪيرون لهڻيون.

شيوا ۾،

گوردن ڪرشناڻي

اجمير

ســاگــر

❋ پيارا رفيق،

تنهنجي هـن سنگرهہ ۾ غزل جـو وزن اڪثر ٺيڪ آهي،

۾ ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جتان هي هٿ ڦسڪي ويندا آهن. گهرائيءَ ۾ ٻڏل قلم بيشڪ پنهنجو رنگ ڏيکاري رهيو آهي. پر سنڌس هنن اشارن تي مان پنهنجي راءِ نٿو ڏيئي سگهان - جي آهن:

"منهنجو هر شعر آ تنقيد کان مٿي"

يا

"رفيق" شعر منهنجو آ خريد کان مٿي"

— گووند مولچنداڻي

["پستڪ سمالوچنا" جنم امر لال (هندي اخبار)

[۹۷-۹-۲۵ تان ورتل]

[هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو]

✱ مانيور سائين ايم. رفيق، نمسڪار.

اوهانجو پستڪ دل - و - دنيا پهتو، پڙهي گد گد ٿيس. هڪ ڳالهه توهانجي ڌيان طلب آڻڻ چاهيان ٿو ته توهان جيان هيءُ داس پڻ ٻيوس، دڪايل، دلگير جي نقش قدمن تي هلندي قلم آزمائي ڪندو رهندو آهي. سائين ٻيوس جي رچنائن مان پريرڻا پائي ۽ دڪايل وٽان پريم جو سبق سکيس، تُوڙي ڪويتا جو ڏانءُ ۽ هينئر دادا دڪايل جي طبيعت ناساز هجڻ سبب، اُها کوٽ دلگير صاحب پوري ڪندو رهندو آهي. ان لحاظ کان گرپائي ٿياسين.

شل سڪ جو ناتو وڌي ويجهي. آدرڻيه سائين سڪايل صاحب کي منهنجا نياز چئجو.

نيازمند،

وليرام ڪشناڻي

گانڌيڌام - ۳۷۰۲۰۱

✱ ايم. رفيق جو "ساگر" پهرين ئي نظر سان دلڪش پيو لڳي. جنهن شو شڪتي پرنٽرس، انـدرا گانڌي ياجي مارڪيٽ، الهاسنگر - ٣ جي ڇپائي ۽ گيٽ اپ سهڻي آهي. هاڻي "هندو" بـه ايم. رفيق کان بيواقف ناهي. ممڪن آهي اينڌي ويندي ستيم اي اپارٽمينٽ، پيو ماڙو، هيرا مئرينج هال پرسان الهاسنگر - ٢٠ ۾ رهندو سندس غزلن جـون سرڪيون ونـڻ لاءِ پهچي وڃون! "ساگر" غزلن ۽ گيتن جو ناياب جهڳٽو آهي. سانڍڻ جهڙو آهي.

"مائي يـار وسي منهنجي من ۾" "گيت ڳايان" يـا "تنهنجي عظمت ڪوئي نه جاڻي، تنهنجي رحمت ڪوئي نه جاڻي" "غزل گنگنايان" فيصلو ڪرڻ ۾ ئي وقت لڳي ٿـو. ڪنهنکي لائق چوان؟ لائق هجي تـه چوان نه؟ سڄو مجموعو متاثر ڪندڙ آهي. پڙهڻ جهڙو آهي. سانڍڻ جهڙو آهي. ملهه سٺ روپيه "پينٽا" مثل آهي.

— ريزيڊنٽ ايڊيٽر
"هندو"

✱ جناب ايم. رفيق، آداب

توهانجا ٻه ڪتاب "ساگر" ۽ "دل - و - دنيا" مليا. ذاتي خوشي ٿي جو مونکي بـه ياد رکيو. مان پڻ شري ليکمڻ ڪڪريجا جو ٿورائتو آهيان، جنهن روبرو مونکي ڪتاب منهنجي گهر اچي ڏنا. توهانجي شاعري وڻـي. ايڏي محنت ۽ جاکوڙ لاءِ توهانکي مبارڪون هجن. ادبـي ڪلاس ۾ اميد ته وري ملنداسين.

وڏيڪ سڪ،
نيازمند،
شري هري لڪاڻي "شوق"

جنھن ڪري پڙھڻ سان راحت اچي ٿي. البت اھان ۾ وڏيڪ ڏيان ڏيڻ سان ڪي سوڪيم ٽيڪنيڪل خطائون دور ٿي سگھن ھان. پر اھو راز ۾ پل راز ٿي رھي ٿو ته

"رفيق" راز ڪي راز ٿي رکيو،
راز جون ڳالھيون ڪيئن ٻڌايان

۽ اُن جي سمجھاڻي تو پاڻ ئي ڏني آھي، انھيءَ ڪري ئي

"رفيق" ڪٿي اچ آيو آھي،
گيت غزل ۾ نئين جواني

۽ تنھنجي حالت ڪي مان خود ۾ سمجھي سگھان ٿو

سوز اندر ۾ آگ اٿاري، نت نت لات اُپاري،
ڇوھ منجھان ڇولي ٿي اُڀن، ماھيءَ جيان ڦٿڪائين.

تنھنجي ان اڻ ٿڪ ڪوشش ڪي شاباس ھجي. ڪتاب جي ڇپائي ۽ گيت اپ ۾ سٺي آھي. شاعريءَ سان ھن طرح جي محبت ۽ شاعر دوستن لاءِ صدق تنھنجو ھڪ اھم گڻ آھي؛ پر جي ائين نه ھجي ھا ته تون ٻنھ نه لکي سگھين ھا ته

"رفيق" حياتي ھلچل حرڪت،
دل ۾ حرڪت آءَ ڪريان ٿو.

تنھنجو ھي سنگرھ عام ۾ پيارو ٿيندو، اھڙي آس اٿم. ڇو ته:—

"گيت غزل ۾ جادو مستي، ھرڪو ديوانو تنھنجو آ"

ڇو ته: سنڌي ٻولي عشق اباڻو، "رفيق" کي سنڌي ٻوليءَ سان پيار.

آفرين ھجيئي دوست! منھنجا سلام شل قبول پون.

— ڪمل "پياسي"

❋ آدرڻيه پراڻا، ايم. رفيق، باغ بهار.
نمستي. اوهانجو ٻيو شاعريءَ جو مجموعو "ساگر" مليو. ازحد خوشي ٿي. ساگر کي پڙهندي دل ساگر ۾ غوطا کائڻ لڳي ٿي. اوهانجي موزون شاعريءَ مان ظاهر آهي ته اها اوهان جي اڄ جي نه پر گهڻي عرصي اڳ جي ساڌنا جو ڦل آهي. "ساگر" سچ پچ ساگر آهي. اوهان عمر جي لحاظ کان ته مون کان ٢ مهنا ١٢ ڏينهن وڏا آهيو. ٻي هڪ ڳالهه فخر جي آهي جو مان به سکر ضلعي جي ميرپور جو رهاڪو آهيان.

توهان جي هن يوگدان لاءِ اوهان مبارڪن جا حقدار آهيو. مان اوهان کان ننڍو آهيان اِنڪري آسيس ڪرڻ جو حقدار نه آهيان. پوءِ وري به پنهنجون شڀ ڪامنائون اوهان جي خدمت ۾ رکان ٿو. اميد ته اوهانجي صحت سالم هجي ۽ ڌڻي اوهانجي قلم جي جنبش سدا لاءِ ثابت رکي. توهان جون رچنائون دل کي ڇهن ٿيون.

ادب ۽ قرب وچان،
— شري ڀڳوانداس دولتاڻي "هوش"

❋ ڀاءُ ايم. رفيق، خوش هجو شال،
اوهانجي غزلن ۽ شعرن جا ٢ ڇپيل ڪتاب "دل - و - دنيا" ۽ "ساگر" پهتا آهن. جي پڙهي انتها خوشي ٿي. اوهان جا گيت، غزل ۽ لاڏا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. اوهان جا ڪيترائي شعر اهڙا آهن جي نه رڳو دل کي ڇهن ٿا پر پڙهڻ سان سنئو اثر پڻ پيدا ڪن ٿا. شعرن ۾ ته نه رڳو عاشقاڻي پريل نظر اچي ٿي، پر ڪن ڪن هنڌ روحاني رازن جو اِشارو پڻ ڏنل آهي، جنهن ڪري شعر وري وري پڙهڻ تي دل ٿئي ٿي. اميد ته هي ٻئي اوهان جا

※ آدرڻيه شري رفيق صاحب،
توهان سان ملاقات ڪيم. توهان سان واقفيت ته ٣٨ سالن کان هئي پر اِها خبر ئي نه هئي. توهانجو غزل جو ڪتاب پڙهي ۽ فوٽا ڏسي تعجب ٿيو ته اهڙو سنڌي مرزا غالب سنڌ جو مونکان پري ڇو رهيو. توهانجا غزل پڙهي ڏاڍو آنند آيو. گهر ۾ ٻارن به پڙهيو. هاڻي ته توهان سان ملاقات ٿيندي ئي رهندي. توهانجا ڪيترا غزل ته ياد ڪيا اٿم.

"تون حسين، تنهنجي ادا ڇا چئجي"
"آرزو اٿم، هر دل کي ديوانو بڻايان"

ڀڳوان توهانکي وڏي حياتي ڏئي.

— گوبندرام ماڙرا
سنگيت النڪار

※ مانيور سائين، سدا سرها هجو،
عرض ته اوهانجو شعرن جو مجموعو "ساگر" پهتو. ڪتاب پڙهيم ۽ خوب وڻيم. جنهن ڪري اوهانکي لکڻ لاءِ قلم کي روڪي نه سگهيس. شاعر صاحب جي خيالن جي اُڏام ڪافي اوچي آهي جو اڄ جي حالات کي به نظر ۾ رکي جا پنهنجي قلم آزمائي ڪئي آهي سا قابل ـ داد آهي. شاعر جي هستي ته مهان هوندي آهي. پر سائنٽي وقت اُن کي هڪ احساس رکندڙ دل پڻ هوندي آهي. جنهنجا هوُ اُتما قلم ذريعي اوتيندو رهندو آهي.

دادا رفيق صاحب نه توهانکي ڪڏهن ڏٺو آهي نه ئي وري خط ـ و ـ ڪتابت ٿي آهي. پر هن دفعي لاءِ منهنجون دلي مبارڪون سويڪار ڪندا.

اگر خط جي پهچ ڏيو ته عنايت. وڌيڪ مون لاءِ شيوا.

شيوا ۾
— پريم لتا، ٻڙودا

فهرست

ستگرو مهما ۱
خدا جي عضمت کي ۳
شاعر جي قلم مان ۴
سنگيت شروعات ۶
واقفيت ۷
رباعيون ۸
نئين ڪويتا ۱۱
هر زبان تي ڪلام ۱۲
جواني آ، جواني آ ۱۳
حسن رهي ٿو لوڏن ۾ ۱۴
اڄان ته ڇوري ڇوري آ ۱۵
ڪين ٻڌن ٿا ٻوڙا آهن ۱۶
آءُ نه ڄاڻان ڪير آيو ۱۷
چاهه رهي ٿو ڳالهين ۾ ۱۸
رات يار جي ٻکي ۲۰
حسن ۾ نه خامي ٿيندي ۲۱
حسن جواني جهولو آ ۲۲
منهنجا يار، منهنجا يار ۲۳
سڀ کان حسين تون ۲۴
مان خوش آهيان مگر ۲۵
يار اچي ٿو راتين ۾ ۲۶
آءُ ستگر کي پيار ۲۷
درسنيءَ ۾ ديدار ۲۸
گلشن گل شبابي آهي ۲۹
ساگر مان بادل ڀرجن ۳۰
آءُ ڳايان، آواز ڪٿي ۳۱
شاعر آهيان ڪير چوي ۳۲
خوش آهيو آزادي ۳۳
منهنجو شعر دل ۳۴
شمع جلي پروانو ۳۵
حسن نرالو ڪوئي ۳۶
ڪوئي دل جو خار ۳۷
ڪيئن غمن ۾ گهاريان ۳۸
حسن ڏسي هرڪو ٿو ۳۹
چنڊ ٻٽي ٻهڪائين ۴۰
خدا ڪري نه سگهيو ۴۱
تنهنجي شرارت پيار ۴۲
محبوبا کي پيار ڪري ۴۳
سونهن ڏسي هرڪو ۴۴
ماڻهن تي مڇرن جو ۴۵

نايابُ شاعرَن کيترا ئي شيون جڳهه ويلا ڏيندا ۽ اوهان کي ودِيڪ روشن ڪندا.

اوهان جي لکڻيءَ جو فن بيشڪ ساراهه جوڳو آهي، ان لاءِ اوهان کي مبارڪون.

قربان مان،
شيون رپلواڻي ”ساز“
جامنگر

مرڪو مرڪو، ڪجهه ته مرڪو يارو،
مشڪو مشڪو، ڪجهه ته مشڪو يارو،
ٽِڪو ٽِڪو، ڪجهه ته ٽِڪو يارو،
ڪٽڪو ڪٽڪو، ڪجهه ته ٽِڪو يارو،
ذري ذري مان گهاگهر ڀرجي،
ڦڙيءَ ڦڙيءَ مان ساگر ٺهجي،
”رفيق“ سر جهڪائي قدمن کي چُمي ٿو،
آسيس ڪريو آسيس ڪريو حسن برقرار رهي.

— ايم. رفيق

ڀارت اِتهاس ڀلائي ٩٢
ڀارت ڇا آزاد نہ ٩٣
آءُ چندرمان ٿون ٩٤
ڪوئي ڪمائي ڪوئي ٩٥
دل وڻ لاءِ حاضر ٩٦
هل هنگامو آهي زندگي ٩٧
شعر شاعري دل ٻهلائي ٩٨
شمع جلائي ٿو ٩٩
گيت، غزل منهنجو ١٠٠
قدم قدم تي ١٠١
ديوانو ديواني چاهي ١٠٢
ساوڻ جون ٻرساتيون ١٠٣
قسم خدا جو يار ١٠٤
ڪنهن سان دل جا ١٠٥
ڪريون نہ ڇا ڪريون ١٠٦
لٽي ويا لٽيرا ١٠٧
پنهنجي وطن جي ١٠٨
خوشيءَ سان زندگي ١٠٩
منهنجي محبت پيءَ ١١٠
ٻيڙي منهنجي ١١١
پيار آڏو رهجي ١١٢

رفيق آيو سلام ٻڌي ۴۶
سر ته سيڻي ساڳيا ۴۷
منهنجو آهي ساهه اُهوئي ۴۸
دل جي چاهت چاهت ۴۹
حسن اِلاهي تنهنجو ۵۰
دل و دنيا دل جو پيار ۵۱
آءٌ نه ڄاڻان دل جو راز ۵۲
آهه زندگي هلچل هلچل ۵۳
پئسو آهي ڌرم نه آهي ۵۴
دور نه آهيون ۵۵
دل جي سچائي ڪير ۵۶
ڪوئي تنهنجي اوٽ ۵۷
گل کي ڪوئي خار ۵۸
معصوم چهرو، دل ۾ ۵۹
موت کان پهرين ڇا ۶۰
شمع جلي ٿي ۶۱
من جون ڇوليون ۶۲
ويچا وساري ويٺو ۶۳
رفيق جي غزل ۶۴
غير کي دوست ۶۵
شاعري هيءَ آهي ۶۶
تون ٻجلي مان بادل ۶۷
تنهنجون اکڙيون ۶۸
تنهنجي صورت ۶۹
گلشن جو گل گلابي ۷۰
يار ٿي غدار ۷۱
اي خدا جهان ۾ ۷۲
مفت ۾ منهنجي ۷۳
عاشق کي هرڪائي ۷۴
دشمن ٿي حملو جاري ۷۵
پنهنجو هوش سنڀالي ۷۶
ديش دلارو ڪير ۷۷
باقي حياتي گڏجي ۷۸
ڪوئي شاعر آ فعلن ۷۹
منهنجي کهڙي خطا ۸۰
تنهنجي حسرت آءٌ ۸۱
ڪير پڙهي ڪاغذ ۸۲
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ دهل ۸۳
خوابن ۾ توکي تو چاهيان ۸۴
تنهنجو قدم حجابي ۸۵
چنڊ چانڊني مسڪائي ۸۶
سڀ کي پنهنجا ۸۷
رفيق نه ڪنهنجو ۸۸
ڏينهن ڏئي جو پيار ۸۹
دل ٿي حڪومت ۹۰
گل گلاب گلشن جي ۹۱

ستگر مهما

(١)

تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي،
تنهنجي قدم قدم تي رهبر سلام توکي.

(٢)

تنهنجي حڪم سان جهان ٿيو پيدا،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

(٣)

آهين خود خدا پر انسان ٿي رهين ٿو،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

(٤)

تنهنجي شهائي صورت ثاني نہ آهي ڪوئي،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

(٥)

ديدار جو ڪري ديدار ٿي ڪري ٿو،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

Dr. I. N. PARWANI

B.Sc., LL.B., L.S.G.D., D.H.B.

CONSULTING HOMOEOPATH

Sarva Sewa Samiti, Opp. Block 17, Kopri Colony, (Thane)
Bharatiya Sanskar Ashram, Punjabi Colony, Ulhasnagar–3.

هر قسم جي جهوني ۽ لاعلاج بيمارين لاءِ جهڙوڪ: مثلا
پيشاب (Diabetes)، رت جو داٻ (High Blood Pressure)،
دل جون بيماريون، پٿري، چمڙي، نهن ۽ وارن جي بيمارين
لاءِ هڪ ٽڪ هوميوپيٿڪ علاج.

صلاح ڪريو:

ڊاڪٽر ايسر پارواڻي

يا

ڊاڪٽر شاردا رامچنداڻي

پارواڻي ڀون، الهاسنگر - ١.

جي سالم صحت آ، تہ قائم محبت.
محبت خدا جي آهي ٿي رحمت.
علاج هوميوپيٿيءَ جو سولو ۽ سستو،
سڌو ئي سڌو صحت ڏانهن رستو.
علاج هوميوپيٿيءَ جو ڪري ٿو ڪرامت،
وڃي مرض نڪري، آهي ٿو طاقت.
دوا ٻار کائي تہ ٻڍڙو ڀي کائي،
آهي ڪين ڪوڙي، نہ ڪوئي ڪيڀائي.
"رفيق" راز ڪوئي رکيل آ دوا ۾،
خوشي آهہ گهر ۾، خوشي آ دعا ۾.

غزل

(١)

خدا جي عظمت کي ڏسو،
خدا جي قدرت کي ڏسو.

(٢)

خدا خالق آهي،
خدا جي خلقت کي ڏسو.

(٣)

خدا پيار آهي،
خدا جي محبت کي ڏسو.

(٤)

خدا رحيم آهي،
خدا جي رحمت کي ڏسو.

(٥)

"رفيق" خدا مهاساگر يي،
خدا جي دهشت کي ڏسو.

(٦)

پرڪاش روُپ تنهنجو، شبد روُپ تنهنجو،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

(٧)

تون شهنشاهه آهين، هر شاهه کي لڄائين،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

(٨)

آهين ديال شڪتي، رهي ڪال تو حڪم ۾،
تنهنجي قدم قدم تي ستگر سلام توکي.

(٩)

"رفيق" قدم قدم تي تنهنجو ئي آ سهارو،
"رفيق" قدم قدم تي ڪري ستگر سلام توکي.

(٣)

ديش جا ٻاڱا، ديش ۾ راڱا ڪير ڪري ويو،
محبت جي بدلي هاءِ دلين ۾ وير ٻري ويو،
ماڻهو مرن ٻـل، ديش جو نيتا پاڻ سلامت،
سمجھ اندر شيطان ڪوئي ڦند ڦير ڪري ويو.

(٤)

آءٌ نه ڄاڻان هرڪوئي ڄاڻي ڇا مطلب آ،
دين ڌرم هرڪنهن کي پيارو ڇا مذهب آ،
ديش جي ڀڳتي، قوم جي ڳڻتي ڪنهن ۾ ناهي،
دين ڌرم جي پردي ۾ ڪوئي سياست جو مطلب آ.

(٥)

ديش شمع تي ڪوئي ٻـي پروانو نه آيو،
ديش جي خاطر ڪوئي ٻـي ديوانو نه آيو،
اخلاق، سچيتا، ديش جي ڀڳتي دفنائي ويٺا،
ملڪ جو مجنون، ڪوئي ٻـي مستانو نه آيو.

(٦)

ڪنهن سان محبت، ڪنهن سان نفرت آهه سياست،
ديش سان دوکو سڀ سان دوکو، آهه سياست،
”رفيق“ سچائي، هاءِ وفائي ڪين رهي،
هاءِ قيامت، شل نه ٻڻي، هيءَ سياست.

شاعر جي قلم مان :-

(١)

پنهنجيءَ دل کي شمع ٻارائي ويٺا آهيون،
شمع جي بدلي دل کي جلائي ويٺا آهيون،
بيهوشيءَ ۾ پنهنجي هستي پنهنجي وڃائي ويٺا آهيون،
پنهنجي گهر کي آڳ لڳائي ويٺا آهيون.

(٢)

ديش جو ناٽو ڪير لٽي ويو خبر نه آهي،
ڪنهن ٻه لٽيري جي ڪائي قبر نه آهي،
ديش جو نيتا، هاءِ ڪري ٿو ويٺو گهاٽي،
ڪين ڪڇي ڪو جيسين سر تي ٽبر نه آهي.

واقفيت

(١)

سنڌ جو ضلعو سکر، ڳڙهياسين جو شهر،
هر ڏينهن، هر رات ٿڌي هير جو سحر،
تاريخ ٻي ڊسمبر، اڻويهه سؤ ۽ ٽيهه،
منهنجي حياتيءَ جو شروع ٿيو سفر.

(٢)

سنڌ ۾ هيس "مستان"، هاڻي "رفيق" آهيان،
ٻڌي گل گلستان، سڀ جي قريب آهيان،
ڪو چمي ٿو چاهه مان، زلفن ۾ سجائي ڪوئي،
"رفيق" آءٌ آهيان انجان، شاعر عجيب آهيان.

(٣)

آهي اڄ ڪو وڃنو دل ۽ دماغ ۾،
ڪوئي روشني ٻڌي وڃنو آهي چراغ ۾،
ڪوئي پڇي "رفيق" لاءِ هڪدم چئي ڏيو،
"رفيق" وڃنو آهي شاعريءَ جي باغ ۾.

(٤)

هر شعر منهنجو آهي، تنقيد ڪان مٿي،
هر شعر خوبصورت اميد ڪان مٿي،
هر شعر ۾ پريل آ، جذباتي رواني،
"رفيق" شعر منهنجو خريد ڪان مٿي.

سنگيت شروعات

"رفيق" غلام سڀ جو،
سڀ کي سلام منهنجو،
هاڻي شروع ڪريان ٿو،
عاشق ڪلام پنهنجو.
آسيس منگان سڀ جي، بخشيش ٿئي مون تي،
بخشيش منگان سڀ جي، آسيس ٿئي مون تي.

غزل

"رفيق" جو ڪلام آ،
"رفيق" جو سلام آ.
ڪلام عاشقيءَ جو،
"رفيق" جو پيام آ.
آهي دام نام جو،
"رفيق" جو نه نام آ.
زمين آسمان تي،
"رفيق" جو نظام آ.
"رفيق" يار پيار جو،
"رفيق" جو غلام آ.

اڄ نئين جواني آئي آ

اڄ نئين جواني آئي آ،
نغمن جي رواني آئي آ،
جذبات جو شاعر جاڳي اٿيو،
بيخود جي زباني آئي آ.

کڙکي بند نہ کريو هوا ايندي رهي

کڙکي بند نہ کريو هوا ايندي رهي،
محبت ۾ کنهن کان خطا ٿيندي رهي،
آبشار پهاڙن تان هيٺ آيو لهي،
"رفيق" کي شاعري عطا ٿيندي رهي.

جيکي بہ چوان ٿو تکبر نہ ڇئو

جيکي بہ چوان ٿو تکبر نہ ڇئو،
جيکي بہ چوان ٿو تصور نہ ڇئو،
عشق جي اثر لڳي "رفيق" پيتي ذري،
مستيءَ ۾ رهان ٿو بي خبر نہ ڇئو.

خدا جي حسن تي فدا مان آهيان

خدا جي حسن تي فدا مان آهيان،
خدا جي حسن کان جدا مان آهيان،
"رفيق" خدا ٻڌائي سرحد پنهنجي،
خدا حسن ۽ مان فدا آهيان.

زندگي گلشن بهار آهي

زندگي گلشن بهار آهي،
زندگي حسن خمار آهي،
زندگي اسرار خدائي "رفيق"،
زندگي عشق سينگار آهي.

آڪاشي تارا چمڪن ٿا

آڪاشي تارا چمڪن ٿا،
ڌرتيءَ جا تارا ڦٽڪن ٿا،
هيءُ ڪهڙو رهيو اتفاق "رفيق"
مِٽيءَ جا تارا ٽڪرن ٿا.

عاشق جو ڪلام

عشق جي هڪ بوند پيتي تہ ايڏي سزا،
جي پيئان جام ڀري تہ ڪيڏي سزا؟

انڌو نہ چاڙي چاهي ڪتاب،
ڏنڌو نہ چاڙي چاهي شراب.

جام جام آهي حاضر ڪلام آهي،
”رفيق“ ننڊ ڦٽائي آرام حرام آهي.

منهنجو جيون آ خوشبوء، ڦهلايان ٿو

منهنجو جيون خوشبوء آ، ڦهلايان ٿو،
منهنجو جيون شاعر آ، مان ڳايان ٿو،
منهنجو جيون آهه خوشبو، مهڪايان ٿو،
منهنجو جيون ساگر آ، لهرايان ٿو.

زندگي عنايت آهي

زندگي عنايت آهي،
بندگي هدايت آهي.
شرمندگي شڪايت آهي،
"رفيق" گندگي قيامت آهي.

نئين ڪويتا

نئين ڪويتا جاڳي آ جاڳي آ.
نئين ڪويتا جاڳي آ جاڳي آ.
نئين ڪويتا، حسن نئون جواني آ،
نئين ڪويتا، عشق نئون، ڪهاڻي آ.
نئين ڪويتا، سونهن نئين، جسماني آ،
نئين ڪويتا، گيت نئون روحاني آ.
نئين ڪويتا، ڪتاب نئون، باب نئون،
نئين ڪويتا، نئين زندگي، خواب نئون.
نئين ڪويتا، جام صراحي، شراب نئون،
نئين ڪويتا، گلاب نئون شباب نئون.
نئين ڪويتا، محبت جو حجاب نئون،
نئين ڪويتا، نئين مستي جام نئون.
نئين ڪويتا، عاشق جو پيغام نئون،
نئين ڪويتا، ديواني آ، ديواني آ.
نئين ڪويتا، مستاني آ، مستاني آ،
نئين ڪويتا، وصل تي راڻو آ.
نئين ڪويتا، وصل جو نئون ماڻو آ،
شاعر جو گيت غزل حيراني آ.
شاعر جي منزل لاثاني آ،
نئين ڪويتا، ساگر آهي گهاگهر ۾،
نئين ڪويتا گهاگهر ۾ ساگر آهي.
نئين ڪويتا، نئين بندگي جاڳي آ،
نئين ڪويتا، نئين زندگي جاڳي آ.
نئين ڪويتا، نئين ڪويتا جاڳي آ،
”رفيق“ نئين ڪويتا جاڳي آ.

(١)

تنهنجي ڪلامن يار اسان کي ماري ڇڏيو آ.
تنهنجي سلامن يار اسان کي ماري ڇڏيو آ.

(٢)

آءُ نه ڄاڻان يار جدائي ڇا ٿيندي آ.
تنهنجي آنجامن يار اسان کي ماري ڇڏيو آ.

(٣)

ميت نه آهي جو پريت نباهي ڪين سگهي،
اشڪ حشامن يار اسان کي ماري ڇڏيو آ.

(٤)

دل ۾ درد نه هڪڙو آهي يار "رفيق"،
درد تمامن يار اسان کي ماري ڇڏيو آهي.

غــزل

(١)

جوانـي آ، جوانـي آ جواني آ.
جوانـي آ، جوانـي آ جواني آ.

(٢)

حسن جو روپ ڪهڙو آ خبر ناهي،
جوانـي آ جوانـي آ جوانـي آ.

(٣)

حسن جو رنگ ڪهڙو آ خبر ناهي،
جوانـي آ جوانـي آ جوانـي آ.

(٤)

حسن جو ويس ڪهڙو آ خبر ناهي،
جوانـي آ جوانـي آ جوانـي آ.

(٥)

حسن جو ديس ڪهڙو آ خبر ناهي،
جوانـي آ جوانـي آ جوانـي آ.

(٦)

”رفيق“ حسن تي بخشيش ڪنهنجي آ،
خدا جي مهرباني آ مهربانـي آ.

غـــزل

(١)

هر زبان تي ڪلام منهنجو آ،
هر زمان ۾ ڪلام منهنجو آ.

(٢)

هرڪو چوي ٿو گلشن گلشن،
گلشن جو ڪلام منهنجو آ.

(٣)

حسن ڇڏيو هرڪائي سڀ ڪي،
حسن جو ڪلام منهنجو آ.

(٤)

هرڪو وساري ويٺو وطن کي،
وطن جو ڪلام منهنجو آ.

(٥)

”رفيق“ هرڪو ديوانو دلهن جو،
دلهن جو ڪلام منهنجو آ.

غزل

(۱)

اڃان تہ ڇوري ڇوري آ،
اڃان تہ گوري گوري آ.

(۲)

تنهنجي منهنجي جريت ناهي،
اڃان تہ نيم نموري آ.

(۳)

پيار محبت ڪين ڪي سمجهي،
اڃان تہ پوري پوري آ.

(۴)

قدم قدم تي جهومي ڳائي،
اڃان تہ حسن غروري آ.

(۵)

”رفيق“ ويندي راز ڪي سمجهي،
ڇوريءَ لاءِ ڇورو ضروري آ.

غـــزل

(١)

حسن رهي ٿـو لوڏن ۾،
عشق رهي ٿـو دوکن ۾.

(٢)

ڪير ٿـو پنهنجي ننڊ ڦٽائي،
حسن رهي ٿـــو موقعن ۾.

(٣)

حسن جوانـي نـٿين کهاڻي،
حسن رهـــي ٿـــو هوڪن ۾.

(٤)

عشق نـــہ جاڻي پنهنجي حـالت،
عشق رهـــي ٿـــو غوطـن ۾.

(٥)

”رفيق“ عشق مٿان آگـہ لـڳائي،
حسن رهـــي ٿـــو بـرقعن ۾.

غــزل

(١)

آءٌ نہ جاڻان ڪير آيو ۽ ڪير هليو ويو،
آءٌ نہ جاڻان ڪير آيو ۽ ڪير هليو ويو.

(٢)

منهن تي چهنڊي پائي ڪير هليو ويو،
آءٌ نہ جاڻان ڪير آيو ۽ ڪير هليو ويو.

(٣)

دل منهنجيءَ کي منڊي بڻائي ڪير هليو ويو،
آءٌ نہ جاڻان ڪير آيو ۽ ڪير هليو ويو.

(٤)

منهنجي نالي هنڊي بڻائي ڪير هليو ويو،
آءٌ نہ جاڻان ڪير آيو ۽ ڪير هليو ويو.

(٥)

”رفيق“ هٿ ۾ منڊي پائي ڪير هليو ويو،
آءٌ نہ جاڻان ڪير آيو ۽ ڪير هليو ويو.

غـــزل

(۱)

کين ٻڌن ٿـا ٻوڙا آهن ۔
پيارا پـيـارا جـــوڙا آهن ۔

(۲)

عاشق آهـن کين ڏسن تـــا،
غلط حساب جا کوڙا آهن ۔

(۳)

کنهن ۾ کين ٻڌي اک تـن جي،
سي کـــي ڏيندا مـوڙا آهن ۔

(۴)

حسن جواني پـيـار محبت،
اڃان چون ٿا ٿورا آهن ۔

(۵)

”رفيق“ حيرت تنهنجا،
غـــزل هوائي گهوڙا آهـن ۔

(٦)

زالون پائين ڪنگڻ چوڙا،
حسن لڌي تو ور لين ۾.

(٧)

الله وسائي بارش ياري
عشق وهي تو نالين ۾.

(٨)

”رفيق“ شاعر کي غزل غزب تي
إنعام ملي تو تالهين ۾.

غـــزل

(۱)

چاهه رهي تـــو ڳالهين ۾،
ساهه رهي تـــو سالين ۾.

(۲)

سالا تـــورا کير کٽورا،
مال جام آ ٿالهين ۾.

(۳)

طعام سوادي پيٽ بگاڙين،
هرڪو راضي دالين ۾.

(۴)

بنگلا ماڙيون ڪين ليائن،
روح خدا جو چالين ۾.

(۵)

گورو جسم ڪين هرڪائي،
سونهن ڪارين متوالين ۾.

غـــزل

(۱)

حسن ۾ نہ خامي ٿيندي آ،
گلشن ۾ نہ خامي ٿيندي آ.

(۲)

گل گلابي خوشبو خوشبو،
گلن ۾ نہ خامي ٿيندي آ.

(۳)

هير پڪاريو چڙهي ماڙيءَ تي،
رانجهن ۾ نہ خامي ٿيندي آ.

(۴)

سڄڻيءَ سبق سيکاريو سڀ کي،
ساڄن ۾ نہ خامي ٿيندي آ.

(۵)

گهوٽ ٻڌي ڪنهن يار چلايو،
دلهن ۾ نہ خامي ٿيندي آ.

(٦)

خامي خامي، "رفيق" ڪا خامي،
ڏسڻ ۾ خامي ٿيندي آ.

غـــزل

(١)

رات يار جي بکي،
رات پيار جـي بکي.

(٢)

هر رات رات آهـي،
دلـــدار جي بـکي.

(٣)

هرڪو چاڻي رات آ،
ستڪار جـي بکي.

(٤)

هـر رات رات آهي،
ذاتي ديدار جي بکي.

(٥)

شايد ڪا رات ناهي،
سينگار جـي بـکي،

(٦)

”رفيق“ رات آهـي،
خريدار جـي بـکي.

غـــزل

(۱)

منهنجا يـار، منهنجا يـار،
منهنجا يـار، منهنجا يـار.

(۲)

تنهنجا ٽورا منهنجي سر تي،
آهـــن لــکـــ هـــزار.

(۳)

تو وٽ ڪمي نہ آهي ڪائي،
تـــو وٽ اَڪـــٽ اَنـــبـار.

(۴)

رسي نہ وڃ تون منهنجا سهڻا،
آءٌ روئـنـدس زارون زار.

(۵)

"رفيق" آهي تنهنجو ديوانو،
منهنجا يـار، منهنجا يـار.

غـــزل

(١)
حسن جـوانـي جهولـو آ،
سهڻيءَ کـي نڪ ۾ بولو آ.

(٢)
ڪير ٿو پهرين گهنڊ ي وڃائي،
مولـي آ يـــا مـولـو آ.

(٣)
تيار ٿين ٿا طعام سوادي،
گـرم گـرم اڄ چـولهو آ.

(٤)
عشق نـــ جاڻي جسم جواني،
لنگڙي آ يـــا لـوُلـو آ.

(٥)
رهي پيار جي ڪمي نہ ڪائي،
”رفيق“ دل پيار جو ڪوُلو آ.

مـــان خوش آهيان، مـگـر
مون مان زمانـو خوش نہ آهي،
خبر ناهي، خبر ناهي، خبر نـاهي.

نہ آهي جواني، نـہ ڪوئي خزانو،
مان گمنام آهيان، نہ ڪوئي فسانو،
نہ ڪوئي سبب آ، نہ ڪوئي بهانو،
چوالاجي تڏهن پـي جلي تو زمانو،
خبر ناهي، خبر ناهي، خبر نـاهي.
خبر ناهي، خبر ناهي، خبر نـاهي.

پـيـار محبت آهي زندگي،
پـيـار محبت آهـي بندگي،
عشق نـہ آهي ڪائـي دل لـڳي.
”رفيق“ بندگي آهي زنـدگي.

غــزل

(١)

سڀ کان حسين تون، جوان مان آهيان،
تخت ـ اي ـ نشين تون، احسان مان آهيان.

(٢)

شباب گل ڏسي، بيتاب لب ٿيا،
جام ـ اي ـ زرين تون، زبان مان آهيان.

(٣)

ڪنهن يار ڪئي دانهن، ڏسي تنهنجي شان کي،
گلشن نوين تون، ارمان مان آهيان.

(٤)

تنهنجي گلن تي وهي آب آيو،
چشمي ترين تون، گمان مان آهيان.

(٥)

”رفيق“ ٻنهي کي ڏني بخش خدائي،
سرحد زمين تون، آسمان مان آهيان.

غـــزل

(۱)

آءٌ خدا کي پيار کريان ٿـو،
آءٌ خدا کي پيار کريان ٿـو.

(۲)

سر جهڪائي ڪري مان سجدو،
پيار سندو اظهار کريان ٿـو.

(۳)

آهه خدا جي سڀ تي رحمت،
رحمت جو ديـدار کريان ٿو.

(۴)

آب اکين مـان ڇلڪي آيــو،
اشڪن تي اعتبار کريان ٿو.

(۵)

آءٌ نہ ڄاڻان، "رفيق" خدا ٿو ڄاڻي،
آءٌ خدا کي پيار کريان ٿـو.

غـــزل

(۱)

يـــار اچي تـو راتين ۾،
عشق لنوي تو لاتين ۾.

(۲)

رات رات جو بند ڪمري ۾،
پيار ٿـئي تـــو باتين ۾.

(۳)

روز ڪيئي ڪمزور ڪسن ٿا،
خون وهي تو ڪاتين ۾.

(۴)

بادل بجلي خـوب نچن ٿـــا،
مينهن وسـي بـرساتين ۾.

(۵)

”رفيق“ خدا يي دل جي صداتي،
ديـدار ڏئـي تـــو جهاتين ۾.

غزل

(١)

گلشن گل شبابي آهي،
مکڙين ۾ بيتابي آهي.

(٢)

ڪلين ۾ اَنگڙائي آهي،
ٻنڌري جي خرابي آهي.

(٣)

عشق ڪري اگرائي ويٺو،
حسن اڃا حجابي آهي.

(٤)

ڪلي ڪلي، مکڙي مکڙي،
گل جو رنگ گلابي آهي.

(٥)

گلشن کي شبنم جاڳايو،
"رفيق" دل شرابي آهي.

غـــزل

(۱)

درسنيءَ ۾ ديـــدار ڪري ٿس،
پنهنجو پاڻ سان پيار ڪري ٿس.

(۲)

پنهنجو ٿـسـي حسن جـوانـي،
دل پنهنجي بهار ڪري ٿس.

(۳)

سڄنيءَ خـاطـر ساجـن بڻجي،
سهڻو تـون سينگار ڪري ٿس.

(۴)

مرڪي مرڪي، تـهـڪ ڏئـي،
دل پنهنجي گـلـزار ڪري ٿس.

(۵)

پيار ڏيئي تون دل پنهنجيءَ کـي،
”رفيق“ دل کـي يار ڪري ٿس.

غـــزل

(۱)

آءٌ ڳـايان، آواز ڪٿي آ.
آءٌ وڄايان ساز ڪٿي آ.

(۲)

پکي ٻڌي آءٌ عرش ۾،
اُڏڻ چاهيان، پـرواز ڪٿي آ.

(۳)

دل جيتي آءٌ ڌارئي کي،
پنهنجو ٻڌايان نياز ڪٿي آ.

(۴)

دل جو دل ۾ راز رهي ٿو،
ڪيئن ٻڌايان، همراز ڪٿي آ.

(۵)

”رفيق“ خدا جي در تي ڪيئن مان،
ڄـاڻ پڇايان، راز ڪٿي آ.

غـــزل

(۱)

ساگر مـــان بادل پرجن تـــا،
پـاڪر م گڏجي گـرجن تـــا.

(۲)

بهار ٻڌجي گهمڻ ڦـرڻ تـــا،
ڪنوڻ ٻڌجي خوب ڪڙڪن تـــا.

(۳)

ڏسي ڪنوڻ جي حسن جوانيءَ،
بارش ٻڌجي خوب وسن تـــا.

(۴)

ساوڻ جي مند آهـ سڳوري،
تلاءَ، نديون، درياهه پرجن تا.

(۵)

”رفيق“ موسم آهـ پيار جي،
محبت جا آنسون ڇلڪن تـــا.

غــزل

(۱)

خوش آهيو، آزادي اوهان جي آ،
خوش آهيو، آبادي اوهان جي آ.

(۲)

ديــش ســارو بــربــاد ٿـيـو،
خوش آهيو، بربادي اوهان جي آ.

(۳)

هــر اِنسان ناشاد رهي ٿــو،
خوش آهيو، ناشادي اوهان جي آ.

(۴)

آزادي شهزادي ٻــڌي وديشي،
خوش آهيو، شهزادي اوهان جـي آ.

(۵)

”رفيق“ ڀرشٽاچار ڪئي آ شادي،
خوش آهيو ٿي شادي اوهان جي آ.

غـــزل

(۱)

شاعر آهيان، ڪير چوي ٿو.
شاعر ناهيان، ڪير چوي ٿو.

(۲)

عاشق آهيان، ڪير چوي ٿو،
عاشق ناهيان، ڪير چوي ٿو.

(۳)

گلشن آهيان، ڪير چوي ٿو،
گلشن ناهيان، ڪير چوي ٿو.

(۴)

بادل آهيان، ڪير چوي ٿو.
بادل ناهيان، ڪير چوي ٿو.

(۵)

ساگر آهيان، ڪير چوي ٿو،
ساگر ناهيان، ڪير چوي ٿو.

(۶)

"رفيق" آهيان، ڪير چوي ٿو،
"رفيق" ناهيان، ڪير چوي ٿو.

غزل

(١)

شمع جلي پروانو آيو.
محبت جو مستانو آيو.

(٢)

عاشق عشق سندو سوداگر،
دل کٹي ديوانو آيو.

(٣)

هرکو هوش وڃائي ويٺو،
راهه ۾ بيگانو آيو.

(٤)

حسن شمع تي پروانو کٹي،
جيون جو نذرانو آيو.

(٥)

”رفيق“ محبت آهه قيامت
غزل کٹي افسانو آيو.

غزل

(۱)

منهنجو شعر، دل جي ٻولي آهي.
رنگ ڀري رنگولي آهي.

(۲)

نئين جواني ۽ مستاني،
جيئن ساگر جي ڇولي آهي.

(۳)

هر دل کي هرڪائي ويڻي،
جڻ سهڻيءَ جي ڇولي آهي.

(۴)

هرڪوئي ساراهه ڪري تو،
ڪن جي لاءِ ٻرولي آهي.

(۵)

ڪجهه به ڇئو، ٻي ڏڙڪ ڇٽي ڏيو،
”رفيق“ حاضر جهولي آهي.

غــــزل

(۱)
ڪوئي دل جـو خار بڻيو آ.
ڪوئي گـل گلزار بڻيو آ.

(۲)
ڪوئـي بڻيو آ ڪنهن جـو دشمن،
ڪوئي ڪنهن جو يار بڻيو آ.

(۳)
ملڪ سڄو ويـڙهائي ويٺا،
سؤرن جو سنسار بڻيو آ.

(۴)
ڪائي شڪايت ڪرڻـي ناهي،
هر ڪوئـي لاچار بڻيو آ.

(۵)
”رفيق“ ڪر تـون خبر خـدا کي،
بندو تنهنجو بيزار بڻيو آ.

غـــزل

(۱)

حسن نـرالو ڪوئي ڪوئي.
عشق نـرالو ڪوئي ڪوئي.

(۲)

مٺي مٺائي کـائـي هرڪو،
زهـــر پيالو ڪوئي ڪوئي.

(۳)

هر دل ۾ انڌڪار رهي ٿو،
ڪري اُجالــو ڪوئي ڪوئـي.

(۴)

هرڪوئي بڪواس ڪري ٿـو،
منهن تي تالو ڪوئي ڪوئي.

(۵)

شاعر جـــا خطاب گهڻيئي،
"رفيق" نالـو ڪوئي ڪوئي.

غــــزل

(١)

حسن ڏسي ھرڪو ٿو ھرڪي.
پيار ڏسي ٻوڙھو ٿو مرڪي.

(٢)

ڏسي ٻس ۾ سھڻي يار ۾،
ٻوڙھو سھڻيءَ ڏي ٿو سرڪي.

(٣)

وار اڇا ٿيا تہ ھرج نہ ڪوئي،
اڃا تہ پيشاني ٿي ٻھڪي.

(٤)

دل جو سؤدو آھي دل سان،
اڃان تہ دل منھنجي ٿي ڌڙڪي.

(٥)

"رفيق" ڏسي سھڻيءَ جي شوخي،
اک چوالاجي منھنجي ٿي ڦڙڪي.

غــزل

(١)

کيئن غمن ۾ گهاريـان آهه.
پنهنجو پـار سنڀاريان آهه.

(٢)

ڪڏهن خوشحالي ايندي گهر ۾،
ويـٺـي وات نهاريـان آهه.

(٣)

آس لڳائي، نديءَ ڪناري،
ڪاغذ جي ٻيـڙي تاريان آهه.

(٤)

رات رات جو ڏجي خواب ۾،
مـدد لاءِ پڪاريـان آهه.

(٥)

"رفيق" پڪاري آهه انهنکي،
آب اکين مـان هاريان آهه.

غـــزل

(۱)

خدا ڪري نہ سگھيو، يـار جي پيار ڪيو.
ويران زندگيءَ کـــي گلزار يـار ڪيو.

(۲)

ڪير سمجھائي ڪنھن کي، پيار بندگي آھي،
پيار بندگـي آھي، پيار سنسار ڪيو.

(۳)

روز روز سر جھڪائـي ڪريون ٿـا سجدو،
گلشن کـــي گلشن وفادار بـھـار ڪيو.

(۴)

گـــل گلابـي گلشن ۾ جھومن ٿا،
گلابي رنـگ شايد عشق جي ٻخار ڪيو.

(۵)

"رفيق" شاھہ ٻٽيو، خـدا سان پيار ڪري،
خدا جي هستيءَ نہ، مگر خدا جي اعتبار ڪيو.

غـــزل

(١)

چنڊ اٿي ٻهڪائين ٿـــي.
گـــل ٻٽي مهڪائين ٿـــي.

(٢)

تنهنجي پيرن ۾ پايـل آ،
پايل کـي ڇمڪائين ٿـــي.

(٣)

تنهنجو حسن جواني شاهـد،
ساگر کـــي ڇلڪائين ٿـي.

(٤)

تنهنجون اکـڙيون ٻجلي بادل،
جـڳ ۾ جل ڇٽڪائين ٿـــي.

(٥)

ڏينهن سڄو موهين ٿي مرڪي،
پڻ خوابن ۾ هرڪائين ٿـي.

(٦)

”رفيق“ ٻڌيو تنهنجو ديوانـو،
ديوانـي کان شرمائين ٿـــي.

غـــزل

(١)

محبوبا ڪـي پيار ڪري ڏس.
عاشق تـي اِقرار ڪري ڏس.

(٢)

دل جـي ڌڙڪن بند ٿي ويندي،
پيار ڪري اِنڪار ڪري ڏس.

(٣)

سهڻي آخـــر سهڻي آهي،
پاڻ کي تون ميهار ڪري ڏس.

(۴)

آهه حسينا دل جـي دولت،
پيار ڪري اعتبار ڪري ڏس.

(٥)

”رفيق“ تنهنجو ڏـي آهي دربان،
سينگار ڪري ديـدار ڪري ڏس.

غــزل

(١)

تنهنجي شرارت پيــار وڌائي.
تنهنجي زيارت پيار وڌائي.

(٢)

تنهنجي نــفــرت ڪُوڙو بهانو،
تنهنجي حقارت پيــار وڌائي.

(٣)

دل کي دل جي آهه ضرورت،
تنهنجي صــدارت پيار وڌائي.

(٤)

ڪوئي نــه ڄاڻي عشق جي ٻولي،
تنهنجي اِشارت پيــار وڌائي.

(٥)

تنهنجي نــزاڪت تاج محل آ،
تنهنجي عمارت پيار وڌائي.

(٦)

"رفيق" راز کي راز رکيو آ،
تنهنجي ڳجهارت پيار وڌائي.

غــزل

(١)

ماڻهن تــي مڇرن جـــو راڄ.
جهنگلن ۾ سڙڪن جـــو راڄ.

(٢)

بيابان ۾ ٽپت ٽپائـي،
برپٽ ۾ بصرن جـو راڄ.

(٣)

ساگر، ساگـر کين سڏائي،
ساگر تي لهرن جـو راڄ.

(۴)

جاهل، عاقل سڀ هڪ آهـن،
ديس انـدر نمبرن جـــو راڄ.

(۵)

"رفيق" اڃا ٻـي جيئرو آهي،
دل تي رهي ڏڙڪط جو راڄ.

غـــزل

(۱)

سونهن ڏسي هـرڪو ساراهـي،
حسن ڏسي هرڪو هارائـي.

(۲)

ڏسي اکين ۾ نـوُر نـوراني،
هرڪو وينو ديـــد اڙائـــي.

(۳)

سمجهي ڳلن کي گـل گلابـي،
دور کان آيو پنڌُرو ڪاهي.

(۴)

سهڻيءَ پنهنجا وار پڪيڙي،
منهن تي ڇڏيائين برقعو پائي.

(۵)

”رفيق“ اجازت ڪين ملي آ،
اڃان تہ دل تي پهرو آهي.

غـــزل

(١)

سُر تہ سڀئي ساڳيا آهن.
اکر سڀئي ساڳيا آهن.

(٢)

سُرن مان راڳ انيڪ راڳڻيون،
سُر تہ سڀئي ساڳيا آهن.

(٣)

گيت، ڪهاڻيون انيڪ اکرن مان،
اکر سڀئي ساڳيا آهن.

(٤)

سنگيت گيت جو جسم جواني،
سُر، اکر سڀئي ساڳيا آهن.

(٥)

گيت، سنگيت جو روح رواني،
”رفيق“ سُر اکر ٻئي ساڳيا آهن.

غزل

(١)

"رفيق" آيو سلام ڪڻي.
"رفيق" آيو ڪلام ڪڻي.

(٢)

تون منهنجي محبوبا آهين،
"رفيق" آيو تنهنجو نام ڪڻي.

(٣)

تون دل تي راڄ هلائين ٿي،
"رفيق" آيو غلام ڪڻي.

(۴)

تنهنجون اکڙيون آهن پياسي،
"رفيق" آيو پيام ڪڻي.

(۵)

تنهنجي گلابي چپڙن تي،
"رفيق" آيو اڄ جام ڪڻي.

غــزل

(١)

دل جي چاهت، چاهت آهي.
دل جي راحت، راحت آهي.

(٢)

هرڪو دل تـي اعتبار ڪري ٿـو،
دل جي سچي شڪايت آهي.

(٣)

سونهن آهي، پر سيرت ناهي،
سونهن ۾ پـڻ ملاوت آهي.

(٤)

دل کان ٻاهر ڪريون زيارت،
دل جي سچي نہ عبادت آهي.

(٥)

اڪـڙيون ٻوٽي، اڪـڙيون کوليون،
”رفيق“ رب جـي ڪرامت آهي.

غــزل

(١)

منهنجو آهـي ساهہ اِهوئي.
منهنجو آهـي شاهہ اِهوئي.

(٢)

دلبر ٻڌجي دل کـي سنڀالي،
منهنجو آهـي چاهہ اِهوئي.

(٣)

پيار جي ڪشتي پار اُڪاري،
منهنجي لـئـہ درياهہ اِهوئي.

(٤)

گـل ٻڌجي گلشن مهڪائي،
منهنجي لـئـہ هيگاءُ اُهوئي.

(٥)

نبض ڏسي جـو مرض پڇاڻي،
”رفيق“ پـيـر ويساهہ اِهوئي.

غــزل

(۱)

”دل - و - دنيا“ دل جـو پيار.
کير کري سگهندو اِنڪار.

(۲)

دل جي ٻولي، سڀ جي ٻولي،
سمجهي تـو سارو سنسار.

(۳)

چنڊ ڏسي ساگر تـو ٽڙقي،
ٽڙقي ٽڙقي چڙهي ٻڏار.

(۴)

سج جي گرمي، ساگر لاهي،
مينهن وسائي مينگهه ملهار.

(۵)

”رفيق“ رات جو خاموشيءَ ۾،
”دل - و دنيا“ جو ڪر ديدار.

غــزل

(۱)

حسن خـدائـي تنهنجو آ.
عشق الاهي تنهنجو آ.

(۲)

نيڻ ملن تـا، نيڻ کلن تـا،
نـوُر جلالي تنهنجو آ.

(۳)

تون مرڪين ٿي، جڳ مرڪي ٿو،
حسن گـلابـي تنهنجو آ.

(۴)

ساگر ۾ ڇا لهر اُٿي ٿـي،
جوش تباهي تنهنجو آ.

(۵)

”رفيق“ عاشق ڪوئي سمجهي،
غــزل عاشقي تنهنجو آ.

غزل

(١)

آهه زندگي هلچل هلچل.
آهه زندگي محفل محفل.

(٢)

ڪوئي ڪنهن تي آهه چريو ٿيو،
ڪوئي ڪنهن تي پاڳل پاڳل.

(٣)

ڪنهن کي ڪنهن تي رحم نه آيو،
هاء زندگي سنگدل سنگدل.

(٤)

پيار ڏنو جي ڪنهن کي دوکو،
آهه زندگي مشڪل مشڪل.

(٥)

”رفيق“ عشق تو اشڪ وهائي
آهه زندگي بادل بادل.

غــزل

(۱)

آءٌ نـــہ ڄاڻان دل جـو راز،
ڪير وڄائي دل ۾ ساز.

(۲)

هيڏَن تـــہ آهـي دل اڪيلي،
ڪير سندس آهـي همراز.

(۳)

دل جي ڌڙڪن آهـہ زندگي،
آهـہ زندگيءَ جـــو آغـــاز.

(۴)

دل ويـنـي آ سوُر سنڀالي،
ڪين ڪري ڪوئـي آواز.

(۵)

"رفيق"، جي بند ٿي دل جي ڌڙڪن،
روح ڪري ويندو پـــرواز.

غـــزل

(۱)
دور نہ آهيون، دور رهون ٿا.
آهہ سبب، مجبور رهون ٿا.

(۲)
مرڪ سدائين آهي منهن تي،
محبت ۾ مخمور رهـــون ٿا.

(۳)
ڏينهن خوشيءَ جو رات جو ليڪن،
خوابن ۾ مسرور رهـــون ٿا.

(۴)
دل جـــو خزانو دل ۾ آهي،
عشق اَنـــدر ڀرپور رهون ٿا.

(۵)
”رفيق“ نہ ڄاڻي، خدا ٿو ڄاڻي،
ڪنهن دل جو ڪوهنوُر رهون ٿا.

غــزل

(۱)

ڀَٽُسو آهي، ڌرم نہ آهي،
ڀَٽُسو آهي، شرم نہ آهي.

(۲)

ڀَٽُسو زندگي، ڀَٽُسو بندگي،
ڀَٽُسو آهي ڪرم نہ آهي.

(۳)

ڀَٽُسو آهــي دل ڪاسائي،
دل ڪنهن جي ڀي نرم نــہ آهي.

(۴)

ڀَٽُسو آهي، ڀيـــر سڌائي،
فقط منهنجو هي ڀرم نہ آهي.

(۵)

”رفيق“ ڇَٽُون ڪَٽُن آهي جيٽرو،
جسم جنهن جو گرم نــہ آهي.

غـــزل

(۱)

ڪوئي تنهنجي اوٽ وٺي ٿو،
ڪوئي تنهنجي چوٽ سهي ٿو.

(۲)

جڳ تنهنجو ديوانو آهي،
هرڪو تنهنجي هوٽ هلي ٿو.

(۳)

حاڪم ٻڌجي حڪم هلائين،
هرڪو تنهنجو حڪم مڃي ٿو.

(۴)

سڀ کي آهه سهارو تنهنجو،
هرڪو تنهنجي رحم رهي ٿو.

(۵)

خالق آهين خلق کــي خلقين،
”رفيق“ تنهنجا قدم چمي ٿو.

غـــزل

(۱)
دل جي سچائي ڪير نــہ ڄاڻي.
دل جي صفائي ڪير نــہ ڄاڻي.

(۲)
ڪوئي ڪنهن سان پيار ڪري ٿو،
دل جـي وفائي ڪير نــہ ڄاڻي.

(۳)
دل آهـي هڪ پيار جــو ساگر،
دل جي اونهائي ڪير نــہ ڄاڻي.

(۴)
مرڪ رهي ٿي سڀ جي منهن تي،
دل جي سياهي ڪير نــہ ڄاڻي.

(۵)
”رفيق“ رهـي ٿــو پيار ظاهري،
دل جي تنهائي ڪير نــہ ڄاڻي.

غـــزل

(۱)

معصوم چهرو، دل ۾ پيار.
ڪيئن نه ڪري ڪو تنهن کي يار.

(۲)

جسم جواني جنهن جو گلشن،
گل گلابي سدا بهار.

(۳)

سهڻيون سهڻيون اکڙيون تنهنجون،
نيڻن ۾ نت نئي خمار.

(۴)

زلف گهٽائون ڪاريون ڪاريون،
ساوڻ جو جيئن ميگهه ملهار.

(۵)

حسن نه ڄاڻي پنهنجي حرڪت،
”رفيق“ کسي ٿو دل جو قرار.

غـــزل

(۱)

گل کي ڪوئي خار نہ ڇوندو،
خار کـي ڪو گلزار نہ ڇوندو.

(۲)

واءُ لـڳي تـو، گل ڇڻن تـا،
خزان کي ڪوئي بهار نہ ڇوندو.

(۳)

درياهہ آهـي سير وهي تـي،
سير کـي ڪوئي ڪنار نـہ ڇوندو.

(۴)

ڪوئـي واقفڪار نـہ آهي،
غير کي ڪوئي يار نہ ڇوندو.

(۵)

"رفيق" اکين ۾ آهـي شوخي،
شوخيءَ کي ڪوئي نهار نـہ ڇوندو.

غــزل

(۱)

شمع جلي ٿـي، شمع جلائـي.
سبب جلڻ جــو ڪين ٻڌائي.

(۲)

ظاهر آهي سبب جلڻ جــو،
ڪيڏن ٻڌائي، پـاڻ لڪائي.

(۳)

ڪڏي جدائي آهـي جانب،
هـــاء جدائي دل ٽـڙڦائي.

(۴)

دل ۾ غم ۽ گهر ۾ اونـدھ،
شمع چڏيائين پـــاڻ جلائي.

(۵)

”رفيق“ جڏهن پـي شمع جلي ٿي،
پتنگ چڏن ٿـــا پاڻ جلائي.

غـــزل

(١)

موت کان ڀڄڻ ڇا ٿيندو آ؟
جم - دوت ڏسڻ ۾ ايندو آ.

(٢)

ڌرم-راڄ جـــو حڪم پڙهي،
دل تـــي ڀرو ڏيندو آ.

(٣)

ڏسي ڀيانڪ شڪل جم دوت جي،
پـراڻـي وياڪل ٿيندو آ.

(٤)

جم دوت سان ڪري لـڙائي،
پـراڻـي سـاڻـو ٿيندو آ.

(٥)

”رفيق“ ڏسي نہ حيلو وسيلو،
پراڻي پـــراڻ ڇڏيندو آ.

غزل

(١)

ويڇا وساري ويٺو آهيان،
توکي سنڀاري ويٺو آهيان.

(٢)

آءُ هلي منهنجي محلن ۾،
توکي پڪاري ويٺو آهيان.

(٣)

تنهنجي ملڻ لءِ مان تڙپان ٿو،
جيءُ جيئاري ويٺو آهيان.

(٤)

تون ئي آهين منهنجو جيون،
راهه نهاري ويٺو آهيان.

(٥)

”رفيق“ ڪنداسين روح رهاڻيون،
غم پٺاري ويٺو آهيان.

من جون چوليون دل جون ٻوليون

(١)

ٻج مان گل ڪري ٿو پيدا، ٻج مان پيدا ڪري انسان.
پاڻ مان پاڻ ٿئي ٿو پيدا، پاڻ ڇپائي ٿو ٻيگوان.

(٢)

منهنجي دل ۾ مرڪي ٿي، تنهنجي دل ۾ مرڪي ٿي،
منهنجي دل ۾ سرڪي ٿي، تنهنجي دل ۾ سرڪي ٿي.

(٣)

حسن تي هرڪو پاڳل آهي، ڪير چوي ٿو پاڳل ناهيان،
هرڪو حسن جو گهايل آهي، ڪير چوي ٿو گهايل ناهيان.

(٤)

دل تنهنجي ۾ روئي ٿي، دل منهنجي ۾ روئي ٿي،
اشڪ وهائي اکڙين مان، زخم پراڻا ڌوئي ٿي.

(٥)

جام جام آهي، حاضر ڪلام آهي،
"رفيق" ننڊ قتائي، آرام حرام آهي.

(٦)

تن خدا جو، من خدا جو،
"رفيق" ڪي حاصل، فن خدا جو.

(٧)

ساگر سمان نه ڪوئي، ساگر مهان آهي،
ساري جهان جو جيون، شاهد زمان آهي.

غــــزل

(١)

غير ڪري دوست ۽ پنهنجي ڪري دشمن بڻائي ويٺا آهن.
آزاديءَ جي سفيد چادر ڪري ڪفن بڻائي ويٺا آهن.

(٢)

تون هندو، مان مسلم آهيان، تون سک، مان عيسائي آهيان،
فرقا بڻائي، نفاق وڌائي، اڳ لڳائي ويٺا آهن.

(٣)

آزاد وطن، آباد وطن، هرڪو ڏسو ڏسي برباد وطن،
خوشحاليءَ جي عيد جي چنڊ کي گرهڻ لڳائي ويٺا آهن.

(٤)

ديش جو ناٺو لٽجي ويو، وديشي ناٺو اچي رهيو،
معصوم ٻچڙن جي لاشن تي اڄ جشن مڃائي ويٺا آهن.

(٥)

ملڪ جا ماڻهو سادا سودا، پلجي ويا سڀ نعرن تي،
غير ڪري ساٿي، ۽ پنهنجن کي بدچلن بڻائي ويٺا آهن.

(٦)

هرڪو جاٽي، هرڪو پڇاڙي، نقلي نيتائن جي سازش ڪري،
قرض وٺي، گهر ڪري سينگاري چمن بڻائي ويٺا آهن.

(٧)

کهڙو گانڌي، ڪير جواهر، قد نديو ۽ وات وڏو،
ديش دروهي "رفيق" پاڻ کي وطن سڏائي ويٺا آهن.

غـــزل

(۱)

"رفيق" جي غـزل خواني آ.
حسن - و - عشق جي بياني آ.

(۲)

اکـڙين ۾ ڇا مستي آهي،
مستي، مستي لابياني آ.

(۳)

حسن، حسن ڇـا جادو آ،
حسن تي عاشق هر جواني آ.

(۴)

حسن صراحي، عشق جـــام آ،
حسن، عشق جي اَمر ڪهاڻي آ.

(۵)

"رفيق" جو غزل چنبي، ساگر آ،
"رفيق" جـو غـزل عاشقاني آ.

غـــزل

(۱)

تون بجلي، مان بادل آهيان.
تون ساگر، مان ساحل آهيان.

(۲)

تنهنجي سونهن غضب جي آهي،
تنهنجي سونهن تي پاڳل آهيان.

(۳)

تنهنجي حسن جو آهي درياهه،
آءٌ مؤجن جـــي هلچل آهيان.

(۴)

تنهنجي مرڪ آهي جام صراحي،
تون ساقي، مان محفل آهيان.

(۵)

تون محبت جـــو راز خدائي،
"رفيق" راز تون ۽ مان دل آهيان.

غـــزل

(۱)

شاعري ھيءَ آھي منھنجي زندگي،
زندگي ھيءَ آھہ منھنجي بندگي.

(۲)

دور پنڌ تي ڪير زيارت تـو ڪري،
دل ۾ رھي ٿـي يار جي ديوانـگي.

(۳)

عشق آھي عاشقيءَ جـي واسطي،
عاشقي آھي خدا جي عاشقي.

(۴)

پـيـار ھرڪوئي ڪري سنسار ۾،
ڪير آھي جو ڪري ٿو ڪينڪي.

(۵)

آھہ ھرڪو ڪنھن جـــو ديوانو مگر
”رفيق“ جـي ديوانـگي آ شاعري.

غـــزل

(۱)

تنهنجي صورت تصويـر نرالي،
تنهنجي محبت زنجير نرالي.

(۲)

تنهنجون اکڙيون گهايل کن ٿيون،
تنهنجي نظـر شمشير نرالي.

(۳)

موج درياهہ، تنهنجي انگڙائي،
زلـفـن جـي تحريـر نرالي.

(۴)

کير نہ ڄاڻي تنهنجي دل کي،
مرڪڻ جــي تعبير نرالــي.

(۵)

تـون آهين قسمت جي ريکا،
”رفيق“ جـي تـقـديـر نرالي.

غـــزل

(۱)

تنهنجون اکڙيون نيڻهن نظارو،
ڇا ڪاجل، ڇا اک جو تارو.

(۲)

ساگر جي ڇولين ۾ مستي،
تون ڪشتي ۽ آءٌ ڪنارو.

(۳)

تنهنجي هستي، دل جي بستي،
تون گلشن ۽ مان ڦوهارو.

(۴)

آءٌ سينو، آهيان ماٺ ڌرتي،
تون بادل جو جل وسڪارو.

(۵)

ڪير نه ڄاڻي راز خدا جو،
"رفيق" خدا جو سڀ ڪي سهارو.

غــزل

(۱)

يار تي غدار جي تهمت نہ رکو،
غدار تي يار جي تهمت نہ رکو.

(۲)

پيار کري يار وساري ٿي ڇڏيو،
يار تي پيار جي تهمت نہ رکو.

(۳)

ڪنهن ڇيو ڏنم يار کي مئخاني ۾،
يار تي خمار جي تهمت نہ رکو.

(۴)

دل ڦري يار ويو اڄ ڪنهن جي،
يار تي قرار جي تهمت نہ رکو.

(۵)

"رفيق" يار پلايو ماضيءَ کي،
يار تي يار جي تهمت نہ رکو.

غزل

(۱)

گلشن جو گل گلاب تون آهين .
حسن جو ڳل شباب تون آهين .

(۲)

چنڊ ڏسي ساگر ڏڙڪي اُٿيو،
ساگر جي محبت بي حساب تون آهين .

(۳)

حياء کان ڪوئي جهڪائي ٿو اکڙيون،
دل لڳائيءَ جو حجاب تون آهين .

(۴)

شمع جاي، جلي وسامي ويندي،
عاشقيءَ جو آخري باب تون آهين .

(۵)

ڪير سڃاڻي نه سگهي شاعر کي ليڪن،
"رفيق" شاعر جو خطاب تون آهين .

غــزل

(۱)

مفت ۾ منهنجي مشهوري ٿيندي.
سچ جي سوڀ ضروري ٿيندي.

(۲)

ويري ڀل پيا وير وڌائين،
منهنجي سونهن سموري ٿيندي.

(۳)

هرڪا سهڻي ڪين ڪي ٻٽي،
ڪا ڪاري ڪا ڀوري ٿيندي.

(۴)

تڪبر عزازيل کي ڪيرايو،
نمرت نياز سان نوري ٿيندي.

(۵)

"رفيق" تہ سڀ جو آهہ غلام،
ڪين ڪڏهن مغروري ٿيندي.

غــزل

(۱)
اي خدا جهان ۾ آواز ۽ روشنائي نــه هجي.
نه تنهنجو هجي جهان ۽ تنهنجي خدائي نــه هجي.

(۲)
زندگيءَ ۾ ڪوئي حسن جي تمنا نــه رکي،
زندگيءَ ۾ عشق، حسن جي دل لڳائي نــه هجي.

(۳)
حسن خدا تون آهين ۽ عشق راهه منزل جي،
ڪير پهچي منزل، جي ڪامل رهبر جي رهنمائي نه هجي.

(۴)
تنهنجي خدائيءَ جي توکي خبر ۽ ڪامل مرشد کي،
ڪامل مرشد نــه اهو، جنهن تنهنجي ڏني خدائي نه هجي.

(۵)
بيحد پيار ۽ پاڪ دامن، بندگيءَ جــون علامتون آهن،
”رفيق“ اهو انسان ڪهڙو، جنهن ۾ شڪرادائي نه هجي.

غــزل

(۱)

دشمن تي حملو جاري آ،
بازي ڪڏهن نه هاري آ.

(۲)

دشمن وينو هوش وڃائي،
دشمن جي دل ڪاري آ.

(۳)

دوست منجهان ٿيو دشمن هاڻي،
ڪيئن تنهن جي مت ماري آ.

(۴)

شاعر آهيان سڀ کان سهڻو،
توڙي سونهن موچاري آ.

(۵)

”رفيق“ رقيب جو رفيق سڏائي،
چوڌاري گلزاري آ.

غـــزل

(١)

عاشق کـــي هرکائـي وينس،
حاسد کـي پـڙکائي وينس،

(٢)

سونهن ڏسي هرکو ڏئي سرهو،
کنهن جـي دل جلائي وينس،

(٣)

هرکو چاڻي، آءٌ نہ ڄاڻان،
کينئي کـي کيرائي وينس،

(٤)

شمع ڏسي پـــروانـــا آيـــا،
چـپـرن کـــي ڦٿڪائـي وينس،

(٥)

"رفيق" خدا جي آهي رحمت،
پـل ۾ غـزل ٺاهي وينس،

غـــزل

(١)

ديش دلارو، ڪير آهي، ڪوئي سمجهائي.
ديش هتيارو ڪير آهي، ڪوئي سمجهائي.

(٢)

ديش ورهاڱو، ڪنهن جو ضد هو ۽ ڪير جهڪيو،
ديش پيارو ڪير آهي، ڪوئي سمجهائي.

(٣)

ديش جا نيتا، ديش سنڀالي ڪين سگهيا،
ديش سهارو ڪير آهي، ڪوئي سمجهائي.

(٤)

ديش جا هيرا، ماڻڪ موتي ڪير لٽي ويو،
ديش رکوارو ڪير آهي، ڪوئي سمجهائي.

(٥)

ديش جي ڪشتي، هاء لڏي ٿي ساگر ۾،
”رفيق“ ڪنارو ڪير آهي، ڪوئي سمجهائي.

غزل

(۱)
پنهنجو هوش سنڀالي وينس،
بيهوشي هڪالي وينس.

(۲)
دل شرميلي، چيل ڇبيلي،
دلدار جي ڪري حوالي وينس.

(۳)
دل جو خزانو ڪوئي لٽي ويو،
دل ڏيئي جنهن رکوالي وينس.

(۴)
پار ڇپائي، پنهنجي شاعري،
ڪري "رفيق" جي نالي وينس.

غزل

(۱)

ڪوئي شاعر آهي فعلن جو،
آءُ شاعر آهيان جذبن جو.

(۲)

ڪوئي شاعر آهي قيدي،
آءُ شاعر آهيان عرشن جو.

(۳)

ڪوئي شاعر آهي خيالي،
آءُ شاعر آهيان جيون جو.

(۴)

ڪوئي شاعر عيش ڪري ٿو،
آءُ شاعر آهيان تڙقڻ جو.

(۵)

"رفيق" شاعر شاعر ۾ فرق گهڻو ٿي،
ڪو گهڙين جو ۽ ڪو صدين جو.

غـــزل

(۱)

باقي حياتي گڏجي گهاريون،
خوشحاليءَ ۾ يار گذاريون.

(۲)

بيهوشيءَ ۾ ڏاڍ ٿياسين،
هاڻي پنهنجو هوش سنڀاريون.

(۳)

ڏاڍ ٿياسين، دُور رهياسين،
نيڻ ملائي ويڻ وساريون.

(۴)

ڳنهنڊي منهنجي پيار جي ڪشتي،
دل جي درياهه ۾ اڄ تاريون.

(۵)

”رفيق“ عمر ويئي سا ويئي،
باقي حياتي گڏجي گهاريون.

غـــزل

(۱)

تنهنجي حسرت آءُ نہ آهيان.
تنهنجي محبت آءُ نہ آهيان.

(۲)

سونهن ڏسي، هرڪوئي چاهي،
تنهنجي چاهت آءُ نہ آهيان.

(۳)

آءُ آهيان قـادر جي قدرت،
تنهنجي قدرت آءُ نہ آهيان.

(۴)

آءُ شبنم، گلشن جـي نعمت،
تنهنجي نعمت آءُ نـہ آهيان.

(۵)

آءُ ”رفيق“ شاعر جي شهرت،
تنهنجي شهرت آءُ نـہ آهيان.

غـــزل

(۱)

منهنجي ڪهڙي خطا رهـــي آ.
منهنجي محبت سـزا رهـــي آ.

(۲)

آءٌ نہ چا، سارو جڳ تو جاٽي،
منهنجي توسان وفـا رهـــي آ.

(۳)

بگڙيل زلـف، اکـڙين ۾ شوخي،
بادل بجلي گهٽا رهـــي آ.

(۴)

آهہ خدا جي سڀ تي رحمت،
تنهنجي مون تـي جفا رهي آ.

(۵)

”رفيق“ بنداء کا بيخبريءَ ۾،
منهنجي ڪائي خطا رهـــي آ.

غـــزل

(۱)

ڳهڻيءَ ڳهڻيءَ ۾ دهل وڄائي،
آيو مداري ٻاندر ڪاهي.

(۲)

دهل وڄائي، ماڻهو ميڙي،
ٻاندر کي ٿو خوب نچائي.

(۳)

ٻاندر عاشق آهي ٻڪرن جو،
ڏاٺو ڏاٺو وٺي کائي.

(۴)

هيءَ دنيا ٻي آهه تماشو،
ناچ نچي ڪو، ڪوئي ڳائي.

(۵)

سڀ کي پنهنجي پنهنجي مستي،
"رفيق" هرڪو موج مچائي.

غـــزل

(١)
کير ڀـڄـي ڪاغذ جي گـل کي،
ڪيئن سمجهي ڪو ڪنهن جي ڇل کي.

(٢)
ڪـــارو ڀئنرو آيـــو ڪاهي،
نراس ٿيو ڏسي نـقلي گل ڦل کي.

(٣)
صورت آهـي، سيرت ڪانهي،
ڪير ڀڃي تـــو ڀوريءَ ڪل کـي.

(۴)
ڀلڪن اکـڙيـن شور مچايـو،
قيد ڪيو تـن ڏارئي ڪاجل کي.

(٥)
گل ڪاغذ جو، ڪاجل قيدي،
”رفيق“ راز ٻڌايو محفل کي.

غـــزل

(١)

تنهنجو قـــدم حجابي آهي.
تنهنجو قـــدم حسابي آهي.

(٢)

تنهنجي سونهن تان هرڪو صدقي،
تنهنجو حسن شبابي آهي.

(٣)

تنهنجون نظرون مئخانو آهن،
عاشق هرڪو شرابي آهي.

(٤)

تنهنجو جسم جواني جهومي،
گلشن گـــل گلابي آهي.

(٥)

تنهنجون اکڙيون دريا ساگر،
"رفيق" مکڙو مهتابي آهي.

غزل

(۱)

خواب ۾ توکي تو چاهيان،
سپني ۾ تو لئه تو ڳايان.

(۲)

ڏينهن وچي تو سوچ ۾ گذري،
رات سمهي پاسا بدلايان.

(۳)

تنهنجي محبت، تنهنجي صحبت،
تنهنجو عاشق آءٌ چوايان.

(۴)

شڪل اچي جي تنهنجي سامهون،
تنهنجي صورت ڪي واجهايان.

(۵)

شڪل وچي جي تنهنجي گم ٿي،
"رفيق" وينو نير وهايان.

غــزل

(١)

سپ کي پنهنجا سور ستائن،
عشق ۾ اڪـڙيون تيون الجھائن.

(٢)

حسن نـــ جاڻان، آهي دوکو،
عاشق پيا تـا شور مچائن.

(٣)

ڪين نباهي پيار سگهن تـــا،
پيار ڪري پيا ٿا پڇتائن.

(٤)

پيار نہ آهي دل جو سؤدو،
يار رسي، ڪري منت مچائن.

(٥)

”رفيق“ پيار مـزاجي کهڙو،
پيار ڪري پيا تـــا تـرسائن.

غــزل

(١)
چنڊ چانڊني مسڪائي ويٺي.
هرڪنهن کي هرڪائي ويٺي.

(٢)
تارا تارا ديپ جلن ٿا،
چوڏس رات سجائي ويٺي.

(٣)
سڀني گهر ۾ ساجن دور،
سڀنيءَ کي تڙپائي ويٺي.

(٤)
حسن جواني حيرت حيرت،
حيرت حسن ڦهلائي ويٺي.

(٥)
چنڊ جي ريکا آهه چانڊني،
”رفيق“ پيار ڇپائي ويٺي.

غــــزل

(۱)

ڏينهن ڏني جـــو پيار ڪريو ٿا،
هـــي ڪهڙو اِسرار ڪريـو ٿـــا،

(۲)

پـيـار ڪبو آ ٻند ڪمري ۾،
ڪيئن ڪليل تڪرار ڪريـــو ٿـا،

(۳)

دل جـو پيار رهي ٿو دل ۾،
ٻاهر ڇـــو اِظهار ڪريـــو ٿا،

(۴)

پيار نـہ آهي ٻازاري سؤدو،
ڪنهن کـــي ڇو خريدار ڪريو ٿا،

(۵)

”رفيق“ معشوق ڏين ٿا دوکو،
ڪيئن ڪنهن تـــي اعتبار ڪريو ٿا،

غزل

(۱)

"رفيق" نہ ڪنهن جو رقيب آهي.
"رفيق" لہ سڀ جو حبيب آهي.

(۲)

"رفيق" سڀ سان پيار ڪري ٿو،
"رفيق" دل جي قريب آهي.

(۳)

"رفيق" نہ ڪنهن سان ريس ڪري ٿو،
"رفيق" پنهنجو نصيب آهي.

(۴)

"رفيق" سڀ جي نبض سڃاڻي.
"رفيق" ماهر طبيب آهي.

(۵)

"رفيق" شاعر امير شاعر،
"رفيق" شاعر نہ غريب آهي.

غــزل

(١)

گل گلاب گلشن جي سر تي سونهين سهڻو سندر تاج،
آسمان مان آيــو لهي هيٺ ڌرتيءَ تي ننڍڙو راج.

(٢)

مرڪڻ سان هلڪي هلڪي، بادل ۾ چمڪي بجلي،
معصوم مـرڪ منهن تـي، ڀڄي غـم جــو علاج.

(٣)

چـنـڊ سمان چهرو، اکـڙيـون جڻ آکاشي تـارا،
سونهن جي ساک ڪري ڪو ڪهڙي، زبان لفظن جي محتاج.

(٤)

گود ۾ خوش ٿي کيلي راجا، هنج کان هيٺ روئي ٿو راڻو،
ٻولي جنهن جي ٻول نہ ڄاڻي، سر ۾ ڳائي ٿو مهاراج.

(٥)

اڃا نہ ڪلي ٿي آهي، ٿيندي مکڙي گل گلاب،
"رفيق" شاعر ٿيندو مـاهر، سنگيتڪار ٿيندو سرتاج.

غـــزل

(١)

دل تـي حڪومت ڪنهن جـي آ.

تنهنجي آ يا منهنجي آ.

(٢)

تنهنجي اکين جي يا نظرن جي،

دل تـي حڪومـت ڪنهن جي آ.

(٣)

تنهنجي ڳلن يـــا چپڙن جي،

دل تـي حڪومت ڪنهن جي آ.

(٤)

تنهنجي ڪلڙ جي يا مرڪڙ جي،

دل تي حڪومت ڪنهن جي آ.

(٥)

”رفيق“ حسن جي يـا زلفن جي،

دل تـي حڪومـت ڪنهن جي آ.

غـــزل

(١)

يارت ڇا آزاد نہ آهي ؟
آزادي آبـاد نہ آهي ؟

(٢)

ويٺي ويڙهي وري غلامي،
ڪنهن جي ٻي دل شاد نہ آهي.

(٣)

دل جي اندر غم رهي ٿو،
چاهي ڪو معياد نہ آهي.

(٤)

اشڪ وهائي اکڙيون روئن،
چاهي ڪو فرياد نہ آهي.

(٥)

ٺهڪ ڏيئي شيطان کلي ٿو،
ماڻهن ۾ اتحاد نہ آهي.

(٦)

ديش جو نيتا، ديش کي کائي،
”رفيق“ ڇا بغداد نہ آهي ؟

غــــزل

(١)
ڀارت اِتهاس ڀلائي ويٺو.
ڪارو اَڀياس ٻڌائي ويٺو.

(٢)
گلن جي بدلي هاءِ ڪنڊن سان،
شاهي تـــاج ٻڌائـي ويٺو.

(٣)
ديش ڀڳت بدنام رهي ٿـــو،
دشمن پـــاڻ ڇپائـي ويٺو.

(٤)
هر بهاني ماڻهو مرن ٿـــا،
نيتا پـــاڻ ٻچائي ويٺو.

(٥)
"رفيق" رهيو نـــه ڪوئي بهادر،
پاڻ کي غلام ٻڌائي ويٺو.

غــزل

(۱)

ڪوئي ڪمائي، ڪوئي کائي.
چور پيا اڄ ملڪ ۾ ڪاهي.

(۲)

محنت ڪنهن کان ڪين پڄي ٿي،
مال مفت جو هرڪو چاهي.

(۳)

سڀ کي آ ڪرسيءَ جي لالچ،
هرڪو ويٺو داءُ لڳائي.

(۴)

اخلاق سچيتا، ديش جي ڀڳتي،
سياستدان ڇڏي دفنائي.

(۵)

”رفيق“ ملي آزادي ڪهڙي،
قيدي جيلر کي ڌمڪائي.

غزل

(۱)

آءٌ چندرما، تون چاندني.
آءٌ دلربا، تون راگني.

(۲)

عشق جي دربار ۾،
آءٌ چراغ، تون روشني.

(۳)

تيو چريو هرڪو ڏسي،
تنهنجي چپن جي چاشني.

(۴)

ڪير ٻڌجي تي اچي،
خواب ۾ من موهني.

(۵)

”رفيق“ رشتو اصل کان،
آءٌ ميهار، تون سوهني.

غـــزل

(۱)
هـــل هنگامو آهـ زندگي.
رنگ تماشو آهـــ زندگي.

(۲)
دل ۾ دغا دولاب رهي ٿو،
چـــل ارادو آهـــ زندگي.

(۳)
مرض نـ ماري، ماري حادثو،
پـــل جياپو آهـــ زندگي.

(۴)
ڪوئي ڪنهن جو خون ڪري ويو،
ڪل سياپـو آهـــ زندگي.

(۵)
"رفيق" جيون آهـــ روشني،
دم اُجـالـو آهـــ زندگي.

غـــزل

(۱)

دل وٺـــڻ لاءِ حاضر آهيان.
حسن وارن جـو چاڪر آهيان.

(۲)

دل سنڀالي ڪين سگهي جو،
آءٌ دلين جـــو لاڪر آهيان.

(۳)

دل تنهنجي ڪي سير ڪرايان،
آءٌ هوائي واڪر آهيان.

(۴)

آءٌ ڪريان ٿو دل جو سؤدو،
آءٌ شاعـر سوداگـر آهيان.

(۵)

حسن، عشق آهن پوڄاري،
”رفيق“ ٻنهي جو شاعر آهيان.

غزل

(۱)

شمع جلائي تو هرڪوئي،
دل کي جلائي ڪوئي ڪوئي.

(۲)

دل ۾ غم رهي تو هردم،
غم کي ڀلائي ڪوئي ڪوئي.

(۳)

جوش ۾ هوش وڃائي هرڪو،
جوش وڃائي ڪوئي ڪوئي.

(۴)

دل جي ڌڙڪن ساز نه آهي،
ساز وڄائي ڪوئي ڪوئي.

(۵)

"رفيق" بادل اچن ٿا ڀرجي،
مينهن وسائي ڪوئي ڪوئي.

غــزل

(١)

شعر شاعري دل ٻهلائي.
گيت پنهنجو سنگيت سڻائي.

(٢)

من ۾ موج آڻي موسيقي،
دلبر ڪوئي دل ۾ ڳائي.

(٣)

ست پڻ پهنجي تن ۽ من جي،
وينس شايد آءِ پلائي.

(٤)

تنهنجون اکڙيون، منهنجون اکڙيون،
عشق ۾ وينيون آب وهائي.

(٥)

گيت غزل محفل ۾ ڳائي،
”رفيق“ ڇڏيو مدهوش ٻڻائي.

غزل

(١)

قدم قدم تي مئخانو آ،
آزاديءَ جو نذرانو آ.

(٢)

هرڪو پيئي ٿو جام ڀري،
بيهوشيءَ جو ديوانو آ.

(٣)

جام، صراحي، سهڻي ساقي،
تيو هرڪوئي مستانو آ.

(٤)

مرڪي مرڪي جام پيئاري،
رنگ ڍنگ عاشقانو آ.

(٥)

شمع جلائي ويٺا آهن،
چوڌاري پروانو آ.

(٦)

مئخانو، يا آهي محفل،
”رفيق“ عجائب خانو آ.

غــزل

(١)

گيت، غـزل منهنجو لاثاني،
گيت، غـزل منهنجو لافاني.

(٢)

ساگر جي ڇوليءَ جيان ڇلڪي،
گيت، غزل ۾ نئين جواني.

(٣)

مشڪ، عنبر، ڪستوري، خوشبوءِ،
سرهي، سرهي آهــ بياني.

(٤)

مٺڙي، مٺڙي هــيــر ڏـنـڌڙي،
شعر انـــدر جذبات رواني.

(٥)

حسن ڏسي هر گيت غزل جو،
”رفيق“ بڻي هر دل ديواني.

غـــزل

(۱)

ساوڻ جون برساتيون آهن،
تو بن کهڙيون راتيون آهن.

(۲)

منهن برساتي، پيار جي موسم،
پيار بنا کهڙيون باتيون آهن.

(۳)

بـهـار بـنـا گلشن ويڳاڻو،
کوئل بنا کهڙيون لاتيون آهـن.

(۴)

اچا تـــه دلبر کين مليو آ،
دل ۾ پاتيون جهاتيون آهـن.

(۵)

"رفيق" اکين مان لڙڪ وهايا،
ساوڻ جون برساتيون آهن.

غـــزل

(۱)

ديوانـو، ديوانـي چاهي.
مستانـو، مستاني چاهي.

(۲)

هرڪوئـي ٿيو آهي عاشق،
عـاشق، حسن جواني چاهي.

(۳)

شان، مان، هوٽل ۾ ڊنر،
وسڪي، بـيـر بـرياني چاهي،

(۴)

پـــر ۾ سهڻي، طعام سوادي،
گلشن ۾ گـڏ جاني چاهي.

(۵)

”رفيق“ شاعر، امير شاعر،
گهر ۾ ئي مهماني چاهي.

غــزل

(١)

ڪنهن سان دل جا سور سليمان، ڪوئي ٻڌائي ڪوئي ٻڌائي.
ڪنهن سان دل جو حال ونديان، ڪوئي ٻڌائي ڪوئي ٻڌائي.

(٢)

ساري دنيا ڇا ٿي چاهي، پيڊ نہ جاڻان ڇيڊ نہ جاڻان،
ڪهڙو رستو راهہ وٺان، ڪوئي ٻڌائي ڪوئي ٻڌائي

(٣)

دنيا ساري دل پيي هن جي، مرد ٻڻيو آهي مالڪ،
عورت ٻڌجي ڪيئن رهان، ڪوئي ٻڌائي ڪوئي ٻڌائي.

(٤)

حسن جواني آهہ تماشو، مردن جو نت کيل نئون،
سڀ ٻوڙا، ڇا دانهن ڏيان مان، ڪوئي ٻڌائي ڪوئي ٻڌائي.

(٥)

عورت پنهنجي ذات سنڀالي، ڪير تو گهر ۾ دشمن پالي،
”رفيق“ ڪنهن سان سور سليمان، ڪوئي ٻڌائي، ڪوئي ٻڌائي.

غزل

(۱)

قسم خدا جو، يار ستايو.
قسم خدا جو، پيار ستايو.

(۲)

دل ھرڪائي، چوري ڪيائين،
دل چورائي، دلدار ستايو.

(۳)

دل ۾ پيار، اکين ۾ شوخي،
جانب جي جنسار ستايو.

(۴)

زلف گھٽائون، چنڊ جو چھرو،
سھڻيءَ جي سينگار ستايو.

(۵)

"رفيق" چمن جو مرڪڻ حرفت،
دلبر جي ديدار ستايو.

غـــزل

(۱)

لٽي ويا لٽيرا، خزانو لٽي ويا.
شريف آدميءَ جو زمانو لٽي ويا.

(۲)

نہ قانون ڪوئي، نہ ڪائي عدالت،
شڪايت ڪرڻ جو بهانو لٽي ويا.

(۳)

عقل وارا آيا، هليا ويا هارائي،
شرافت جو باقي نشانو لٽي ويا.

(۴)

رهي راجنيتي، مگر رهزنن جي،
ڪري خون، دل جو فسانو لٽي ويا.

(۵)

"رفيق" چا وطن ۾ آيا وديشي،
جلائي جسم، آشيانو لٽي ويا.

غـــزل

(١)

ڪريون نہ ڇا ڪريون، غلام ٻڌجي ويندا سين،
ڪنهن حسينا جـو إنعام ٻڌجي ويندا سين.

(٢)

شڪايت ڪرڻ جو نہ مليو جي موقعو ڪڏهن،
چـپ چـاپ ۾ حـــرام ٻڌجي ويندا سين.

(٣)

راز دل جـــو پـلـي راز دل ۾ رهـــي،
سڀ ڪـــان بچائي نظر گمنام ٻڌجي ويندا سين.

(٤)

جي ڪيو ڪنهن عشق ۾ بدنام ڪڏهن،
خوشيءَ خوشيءَ ۾ بدنام ٻڌجي ويندا سين.

(٥)

ياد جيئن نہ ستائي ڪنهن کي منهنجي "رفيق"،
زبان زبـان تــي ڪلام ٻڌجي ويندا سين.

غـــزل

(١)

خوشيءَ سان زندگي گذري، سهارو يار جو گهرجي.

خوشيءَ سان زندگي گذري، نظارو يار جو گهرجي.

(٢)

انڌيرو ٿــي انڌيرو آ، آهـي هر راهـــ انڌياري،

ڪري روشن جو راهن کي، ستارو يار جو گهرجي.

(٣)

اُٿن ٿيون ڇوهه مـان ڇوليون، آهي طوفان ساگر ۾،

سلامت ڪشتي جيئن پهچي، ڪنارو يار جو گهرجي.

(٤)

محبت زندگي آهـي، محبت بندگـي آهـي،

رکي زنده جو محبت کي، پيارو يـار جو گهرجي.

(٥)

خـدا عاشق چوائي تـــو، خدا معشوق يـي آهي،

"رفيق" اهڃاڻ ڇـــا سمجهي اشارو يار جـو گهرجي.

غــزل

(۱)

پنهنجي وطـن جي اسين جان آهيون ·
پنهنجي وطن تـان قربان آهيون ·

(۲)

ڪريون دور انڌيرو، ڏئي روز روشن،
پنهنجي وطن جـا شمعدان آهيون ·

(۳)

اسين ويـــر آهيون، اسين ڌير آهيون،
دشمن جي دل ۾ اسين ٻـاڻ آهيون ·

(۴)

ڪوئي نه پڇندو، اسين ڪير آهيون،
اوچيون ٻهاڙيون، طـوفـان آهيون ·

(۵)

ڪوئي نـــه پڇي ڪانئر انسان ڪـي،
"رفيق" شير دل ٻـلـوان آهيون ·

غــزل

(١)

ٻيڙي منهنجي رام سهاري هلي هلي.
ٻيڙي منهنجي شيام سهاري هلي هلي.

(٢)

ڇوهـ منجهان درياهه ۾ ڇلڪن ٿيون ڇوليون،
ٻيڙي منهنجي رام سهاري هلي هلي.

(٣)

مينهن سان گڏ طوفان زور سان چالو آ،
ٻيڙي منهنجي رام سهاري هلي هلي.

(٤)

ڏينهن نہ آهي ڏينهن، رات انڌياري آ،
ٻيڙي منهنجي رام سهاري هلي هلي.

(٥)

طوفان نہ آهي مينهن نہ آهي "رفيق" آهي ڏينهن مگر
ٻيڙي منهنجي رام سهاري هلي هلي.

غـــزل

(١)

منهنجي محبت پيئي قبول،
منهنجي الفت پيئي قبول.

(٢)

آءٌ خدا جو بانهو آهيان،
منهنجي خـدمت پيئي قبول.

(٣)

آءٌ خدا کي پيار ڪريان ٿو،
منهنجي محبت پيئي قبول.

(٤)

مون خـدا کي ڪلي ڪيڪاريو،
منهنجي حسرت پيئي قبول.

(٥)

"رفيق" وڳي غيبي شهنائي.
منهنجي عـبادت پيئي قبول.

غزل

(١)

پيار اڏورو رهجي نه ويو.
خمار اڏورو رهجي نه ويو.

(٢)

اچي واءُ ڇڙهي مٺان گلشن جو،
بهار اڏورو رهجي نه ويو.

(٣)

وڃي تيل پري مٺان ساجن لئه
سينگار اڏورو رهجي نه ويو.

(٤)

اک ڦڙکي ٿي مٺان اکڙين جو،
انتظار اڏورو رهجي نه ويو.

(٥)

دل ڌڙکي ٿي مٺان ساجن جو،
ديدار اڏورو رهجي نه ويو.

(٦)

ڏکي ٿو "رفيق" مٺان غزلن جو،
شاهڪار اڏورو رهجي نه ويو.




KUKREJA

اِلتجا

(١)

دل جو ڪتاب آهي
سهڻو گلاب آهي
دل سان لڳائي رکجو
موسم خراب آهي

(٢)

شاهي خمار آهي
بس بي حساب آهي
رفيق سنڀالي رکجو
اصلي شراب آهي

— ايم. رفيق

غزل

(١) رفيق نہ آهي ڪنهنجو غلام
رفيق نہ آهي ڪنهنجو سلام

(٢) منهنجو گلاب منهنجي هٿن ۾
صبح هجي يا آهي شام

(٣) منهنجو شباب منهنجي هٿن ۾
صبح هجي يا آهي شام

(٤) منهنجو شراب منهنجي هٿن ۾
صبح هجي يا آهي شام

(٥) رفيق خطاب منهنجي هٿن ۾
صبح هجي يا آهي شام

— ايم رفيق